ڊاڪٽر محمد شاھد رفيع
سنڌيڪار: عبدالھادي ٽيپو

# سيڪيولرزم ۽ ان جي حقيقت

ھر زماني جو انسان اھو ئي سمجھندو رھيو آھي تہ ھو نئين زماني ۾ رھي پيو. اھو صحيح بہ آھي تہ ھر زماني ۾اوزار بدلجندا رھندا آھن. پر انسان جو بنيادي مسئلو تہ زندگيءَ جو مقصد آھي؟ ان جي باري ۾ نظريا گھٽو ڪري ساڳيائي رھيا آھن. اصل ۾حضرت آدم ؑ جو ھن دنيا ۾ اچڻ، حالتن جي دائمي تبديلين جي شروعات ھئي، چو تہ ڪش مڪش جي ابتدا حضرت آدم ؑ جي تخليق جي وقت کان ئي شروع ٿي وئي ھئي، واذ قلنا للملائکة اسجدوا لادم فسجدوا الاابليس ا بيٰ واستڪبر وکان من الڪفرين

( پوءِ جڏھن اسان فرشتن کي حڪم ڏنو تہ آدم ؑ جي آڏو جھڪي وڃو تہ سڀئي جھڪي ويا پر ابليس انڪار ڪيو. ھو پنھنجي وڏائي جي ھٺ ۾ پئجي ويو ۽ نافرمانن ۾ شامل ٿي ويو. )

حضرت آدم ؑ کي دنيا ۾ موڪلڻ وقت الله تعاليٰ واضع طرح ٻڌائي ڇڏيو ھو تہ شيطان ۽ انسان قيامت تائين ھڪ ٻئي جا دشمن رھندا.

وقلنا اھبطوا بعضڪم لبعض عدّو ولڪم في الارض مستقر ومتاع اليٰ حين .

( اسان حڪم ڏنو تہ" ھاڻي توھين سڀ ھتان لھي وڃو. توھين ھڪٻئي جا دشمن آھيو ۽ توھان کي ھڪ خاص وقت تائين زمين ۾ رھڻو آھي ۽ اتي ئي گذر بسر ڪرڻو آھي_"

الله تعاليٰ نہ رڳو اھو ٻڌايو ھو تہ شيطان ۽ انسان ھڪ ٻئي جا دشمن آھن، پر اھو بہ اشارو ڪيو ھو تہ انسانن جي وچ ۾ بہ ٽولا ھڪٻئي جي ابتڙ بنجي ويندا.



فمن تبع ھداي فلا خوف عليھم ولاھم يحزنون والذين ڪفروا بايتنا اولئڪ اصحاب النار ھم فيھا خالدون.

(سو جيڪي ماڻھو منھنجي ھن ھدايت جي پيروي ڪندا، تن لاءِ ڪنھن بہ خوف ۽ رنج جو موقعو نہ ھوندو ۽ جيڪي ان کي قبول ڪرڻ کان انڪار ڪندا ۽ اسان جي آيتن کي ڪوڙو ڪندا، سي باھہ ۾ وڃڻ وارا آھن" )

اھي ٻنھي قسمن جا ذھن انسانيت جي شروعات کان ئي وجود ۾ اچي ويا ھئا، پنھنجن عملن کي جائز ثابت ڪرڻ جي ذھنيت، ٻنھي قسم جي طرز عمل کي ٻن ٽولن ۾ ورھائي ڇڏيو. ھڪڙو مادي دنيا کان ماوراء ھدايتن جي قائلن جو ٽولو ۽ ٻيو ان جي منڪرن جو ٽولو. اڳتي ھلي انھن ٻنھي ٽولن جا بہ بيشمار قسم ٿي پيا، مثال طور قائلن مان ھڪڙو قسم الھامي ھدايتن کي مڃڻ وارن جو آھي ۽ ٻياالھامي ھدايتن جي بدران ٻين ھدايتن ۽ روايتن کي مڃڻ وارا آھن، وري الھامي ھدايتن کي مڃڻ وارن ۾ مختلف مذھبن جا ماڻھو اچي وڃن ٿا. ۽ ھر مذھب جي پوئلڳن ۾ ڪيترن قسمن جون ڌار ڌار سوچون ۽ فڪر رکندڙ ماڻھو آھن، تہ ڪيترن قسمن جا عمل ڪندڙ بہ آھن. ساڳئي طرح منڪرن جا بہ گھڻائي قسم آھن، ۽ انھن مان ھر ھڪ جا بہ ڪيترائي قسم آھن پر ٿلھي ليکي دنيا ۾ فردن جي وچ ۾ بنيادي طرح فقط ٻہ ٽولا آھن.ھڪڙو ٽولو انساني عقل کان مٿي جي حقيقتن ۽ ھن زندگيءَ کانپوءِ ڪنھن نہ ڪنھن شڪل ۾ ٻئي زندگيءَ جي ھجڻ جو قائل آھي، جڏھن تہ ٻيو ٽولو، تن جي نظر ۾ا نساني عقل ئي صحيح ۽ غلط يا خير ۽ شر جي ڪسوٽي آھي، ۽ جيڪا بہ خوشي يا ڪاميابي آھي، سا ھن ئي زندگيءَ جي خوشيءَ ۽ فتح منديءَ ۾ آ ھي. پھرئين ٽولي جي صحيح، ڪامل، واضح ۽ مضبوط عقيدن ۽ عملن جي مجموعي جو نالو اسلام ۽ مسلمان آھي، جڏھن تہ ٻئي ٽولي جي و اضح شڪل جو نالو مادّہ پرستي ۽ سيڪيولرزم آھي.

ان مان معلوم ٿئي ٿو تہ جيتوڻيڪ سيڪيولرزم وغيرہ جا اصطلاح نوان آھن، پر اھو سيڪيولرزم جو نظريو قديم زماني کان ئي موجود رھيو

آهي. الهامي تعليمات جي مقبوليت ۽ روشني جي دو ر ۾ ان جي انڪار ٿورو گهٽجي وڃي ٿي پر الهامي روشني جهڪي ٿيڻ تي ان ۾ واڌارو اچي وڃي ٿو تنهنڪري هر دين جي داعيءَ کي اهو ڄاڻڻ ضروري آهي تہ دعوتي ڪم ۾ عام طور تي ڪهڙا ڪهڙا مسئلا آڏو ايندا آهن ۽ انهن مسئلن جي اصليت ڇا آهي؟ ۽ انساني ڀلائي جي واٽ ڏانهن سڌڻ ۾ بنيادي طرح ڪهڙا مسئلا سامهون ايندا آهن. ڪي ماڻهو سمجهن ٿا تہ ا لهامي هدايتن کان بيپرواهہ ٿي انسان, ذاتي مفادن حاصل ڪرڻ ۾ ئي ڪاميابي ماڻي سگهي ٿو پر ان جو لازمي نتيجو اهو نڪرندو آهي جو هر هنڌ نفسانفسي پيدا ٿي پوندي آهي ۽ ان کي ئي فساد چئبو آهي. سو ان جو حل اهو آهي تہ انسان کي وري مذهب ڏانهن موٽايو وڃي, پر ٻين ماڻهن جو چوڻ آهي تہ ڪن چالاڪ ماڻهن, پنهنجي وڏيرپ قائم ڪرڻ لاءِ ماڻهن کي مذهبن ۾ و رهائي ڇڏيو آهي, اهي مذهب جيڪڏهن ختم ٿي وڃن يا ماڻهن جي ذاتي زندگين تائين محدود ٿي وڃن تہ هوند عام ماڻهن جي وچ ۾ موجود نفرت بہ ختم ٿي وڃي ۽ دنيا امن جو گهر ٿي پوي, يعني انساني مسئلن حل ڪرڻ لاءِ هڪڙو نظريو الهامي هدايتن ڏانهن سڏي ٿو جڏهن تہ ٻيو سيڪيولرزم ڏانهن سڏي ٿو انهيءَ بنيادي ۽ وڏي ورڇ جي موجودگيءَ ۾, اهو بهتر آهي تہ اسين سيڪيولرزم کي سمجهڻ جي ڪوشش ڪريون.

## سيڪيولرزم

سيڪيولرزم جو ترجمو " لادينيت " ڪيو وڃي ٿو پر ڪي ماڻهو ان ترجمي کي نٺا مڃين ۽ چون ٿا تہ سيڪيولرزم بيديني نہ آهي, ان جو صحيح ترجمو " دنيويت " هئڻ گهرجي جيئن عربي ۾ ان جو ترجمو "علمانيہ يا علمانة " ڪيو وڃي ٿو جيڪي ماڻهو عين تي زبر ڏيئي پڙهن يا چون ٿا, سي ان جي نسبت عالم ( دنيا ) ڏانهن ڪن ٿا, تہ هي هڪڙو اهڙي قسم جو رويو آهي جيئن هڪڙو ديني رويو ٻيو دنياوي رويو هوندو آهي. ۽ جيڪي ماڻهو عين کي زير ڏيئي پڙهندا يا اچاريندا آهن, سي ان جي نسبت علم



ڏانهن ڪندا آهن يعني هڪڙو فڪري انداز يا طرز فڪر آهي يعني هڪڙو ديني فڪر ۽ ٻيو علمي فڪر آهي. اهو ترجمو ڪرڻ وارا گهڻو ڪري عيسائين يا مغربي دنيا کان متاثر هوندا آهن, ڇو تہ:

مغرب ۾ دين ۽ علم هڪ ٻئي جا ابتڙ لفظ آهن. انهن وٽ جيڪا ڳالهہ ديني يا مذهبي هوندي آهي سا علمي ٿي ئي نٿي سگهي.

اهڙي طرح ڪابہ علمي ڳالهہ ديني ٿي نٿي سگهي, مطلب تہ انهن وٽ علم ۽ عقل, دين جي مقابلي ۾ آهن ۽ ان جو ضد ( ابتڙ ) آهي. ساڳئي طرح علمانيہ يا عقلانيہ اهڙو رويو آهي جيڪو دين جي بر عڪس آهي.

پاڪستان ۾ لفظن جي صحيح استعمال تي توجہ نٿو ڪيو وڃي,نہ ترجمي تي ۽ نہ ئي اچار ۽ لهجي تي. مورڳو ڪجهہ عرصي کان تہ ائين محسوس پيو ٿئي تہ غلط اچارن ۽ غلط لهجي کي ڄاڻي واڻي رواج ڏنو پيو وڃي ۽ مٿان وري انگريزيءَ کان مرعوبيت, سون تي سهاڳو آهي. سيڪيولر حضرات لاءِ اها صورتحال تہ وڏي غنيمت آهي, تنهن ڪري هو ان جو ترجمو ڪرڻ جي ضرورت ئي محسوس نٿا ڪن ۽ سيڪيولر ۽ سيڪيولرزم جا لفظ ئي استعمال ڪري رهيا آهن, اهڙي طرح هو عوام لاءِ اٽوٽندڙ لفظ " لا دينيت " جي استعمال کان بچيل رهن ٿا.

مغربي زبانن ۾ سيڪيولرزم جي معنيٰ اهڙي ڳالهہ آهي جيڪا ديني(مذهبي)نہ هجي,يعني لاديني هجي.پر عرب ملڪن ۾ ان ترجمو "علماني " يا " مدني " ا نهيءَ لاءِ ڪيو ويو آهي تہ جيئن ماڻهن جا مذهبي جذبا جلد متاثر نہ ٿين.

## سيڪيولرزم ڇا آهي؟

انگريزي لفظ سيڪيولرزم لاطيني ٻوليءَ جي لفظ (Seculum) سيڪيولم مان ورتل آهي. جنهن جي معنيٰ آهي " موجوده زمانو " يا " هي دنيا " ان کي يوناني زبان ۾ (Seon) چون ٿا. يعني اهڙو طرز فڪر يا رويو, جيڪو هن دنيا جي معاملن بابت هجي, ۽ هتي جي مسئلن جو حل ڪنهن

ماوراءِ العقل طريقي، شخصيت يا هدايت مان ڳولهڻ جي بدران دنيا جي وسيلن مان ڳولهجي، هن دنيا ۾ رهندي ۽ هتي موجود وسيلن ذريعي سمورا مسئلا حل ڪرڻ جو ٻيو مطلب اهو آهي ته انساني عقل ئي سڀ کان مٿانهين شيءِ آهي ۽ ماڻهو کي ڪنهن ٻئي طرف ڏسڻ جي ضرورت ڪانهي. تنهن ڪري هر اهو ڪم، انداز ياطرز فڪر جيڪو هن دنيا جي معاملن بابت هجي تنهن کي سيڪيولر چيو وڃي ٿو جئين Religious Education (ديني تعليم)، Secular Education (سيڪيولر تعليم).

يورپ ۾ 1648ع کان Secularization جو اصطلاح رائج ٿيو هو اهي پادري جيڪي رڳو چرچ جي معاملن ۾ مشغول رهندا هئا تن کي (Religious Priest) ۽ چرچ جي معاملن کان علاوه ٻين سرگرمين ۾ شريڪ ٿيندڙ پادرين کي (Secular Priest) چيو ويندو هو.

## سيڪيولرزم جا اصول

سڪيولرزم جو بنيادي اصول هي آهي ته انساني بهتري ۽ ترقي کي مادّي ذريعن ۾ ئي ڳولهڻ گهرجي، چو ته گهربل مقصد جي حاصل ڪرڻ لاءِ انهن ئي ذريعن کي استعمال ڪري سگهجي ٿو.

سيڪيولرزم جي تشڪيل ۽ ترقي اهڙي زماني ۾ ٿي، جڏهن سائنس ۽ مذهب هڪٻئي جا مخالف ايڪا هئا.سيڪيولرزم جي علمبردارن چيو ته انساني معاملن تي آزاد نموني غور فڪر ڪرڻ گهرجي. رياضيات،طبيعات ۽ ڪيميا و انگر انساني زندگيءَ جي بهبودي ۽ ڪاميابي لاءِ به سيڪيولر طريقو اختيار ڪرڻ گهرجي. ان سلسلي ۾ مشهور مفڪر هاروي ڪاڪس چوي ٿو ته " سيڪيولرزم هڪ اهڙي نظرئي جو نالو آهي، جيڪو ڪافي حد تائين هڪڙي نئين مذهب وانگر عمل ڪري ٿو".

الاهيات ۾ نا معلوم دنيا جو ذڪر ڪيو ويندو آهي، جڏهن ته سيڪيولرزم اهڙي ڪنهن به دنيا ۽ ان جي تشريح کان لاتعلق هوندو آهي. هي هن معلوم دنيا بابت ئي گفتگو ڪري ٿو ۽ دنيا کانسواءِ ڪنهن ٻئي



زندگي کي مڃڻ يا نه مڃڻ جي ذڪر کان لنوائيندو آهي چو ته توحيد يا الحاد کي ڪنهن به تجربي جي آڌار تي ڪو نه جاچيو يا پرکيو ويو آهي. سيڪيولر اصول مطابق اهو نٿو چئي سگهجي ته هن دنيا کان سواءِ ٻئي ڪنهن هنڌ روشني ڪانهي. هائو ، البته اهڙي روشني انساني مقصدن حاصل ڪرڻ ۾ مفيد نه آهي.

انهيءَ ڪري جيڪڏهن ڪو فرد انفرادي طرح ڪي مذهبي مشغلا اختيار ڪرڻ چاهي ٿو ته سيڪيولرزم کي ان تي ڪو به اعتراض ڪونهي جيتوڻيڪ سيڪيولرزم کي هميشه لاديني يا الحادي نظريو سمجهيو وڃي ٿو. پر هولي اوڪ جو چوڻ آهي ته هو اهڙن مذهبي ماڻهن سان به گڏجي ڪم ڪرڻ لاءِ تيار آهي جيڪي انسانيت جي ڀلائي لاءِ سيڪيولر انداز ۾ ڪم ڪري سگهندا هجن.

سيڪيولرزم جي اصول مطابق اخلاقيات جو تعلق عقل سان آهي ۽ برائيون علم جي گهٽتائيءَ جي ڪري ٿين ٿيون، انساني نيت جي ڪري نٿيون ٿين، ۽ عقل ۽ دانشمندي جا اصول سموري انسانذات تي لاڳو ٿين ٿا. تنهنڪري غربت ۽ ناانصافيءَ ٻنهي کي مادّي ذريعن سان ئي ختم ڪري سگهجي ٿو. اخلاقي ويو اهوئي آهي. جيڪو عام ڀلائيءَ جو ذريعو بڻجي ۽ سائنس جيئن صحت جي اصولن کي مقرر ڪري ٿي، تيئن خوشيءَ جا قانون به مقرر ڪري سگهي ٿي. سيڪيولرزم موجب نيڪيءَ کي فائدي جو درجو ڏيڻ جي بدران فائدي کي نيڪيءَ جو درجو ڏيڻ گهرجي.

انسان لاءِ ڪهڙي شيءِ بهتر آهي؟ ان جو تعين عقل ۽ تجربي جي آڌار تي هئڻ گهرجي، سيڪيولر تصور ۾ نيڪيءَ کي پاڻ ۾ پرو هئڻ گهرجي، ۽ ان لاءِ ڪنهن عالم الغيب هستيءَ آڏو دعائون ڪرڻ نه گهرجون، چو ته عام طرح اسين طبعي قانون هيٺ ڪم ڪندا آهيون ۽ فرد جي ذميواري هي آهي ته هو ان قانون کي سمجهي ۽ ان مطابق زندگي بسر ڪري .

سيڪيولرزم جا اصول توڙي سندس باني ۽ ٻين هم علم برادرن جا خيال، اهو ظاهر ڪن ٿا تہ انهن جي نظر ۾ مذهب جو مطلب عيسائيت آهي، تنهنڪري انهن وٽ Christian Errors (عيسائيت جون غلطيون ) ۽ Bibli cal Contradictions (بائيبل جي تضادن ) جو ذڪر ملي ٿو جڏهن تہ :

If the Founders of Secularism had Studiad other Religions as well, they would have realized that in The teachings of Islam, huminity covld find the ways of development and Progress and that Islam was the Religion of Secularism.

جيڪڏهن سيڪيولرزم جا باني ٻين مذهبن جو مطالعو بہ ڪن ها تہ کين خبر پوي ها تہ اسلامي تعليمات ۾ انسانيت کي ترقي ۽ ڪاميابي نصيب ٿي سگهي ٿي، ۽ اهو بہ تہ اسلام دنيا ۾ زندگي گذارڻ جو ڍنگ سيکاريندڙ مذهب آهي.

جيڪڏهن سيڪيولرزم جي علمبردارن اسلام جو مطالعو ڪيو هجي ها تہ انهن کي ڪنهن بي خدا سيڪيولرزم تخليق ڪرڻ جي ضرورت نہ پوي ها، البتہ اها ڳالهہ واضع ڪرڻ ضروري آهي تہ اسلام جو مطلب باخدا سيڪيولرزم ڪونهي، ٻنهي جا پنهنجا پنهنجا فڪري نظام آهن. تنهنڪري سيڪيولرزم کي نئون ۽ ڌار مذهب چئي سگهجي ٿو. اسلام جي حوالي سان سيڪيولر ذهن جي صحيح نمائندگي ۽ ترجماني ڪندي هڪڙي مصري خاتون سميعہ اي Samiae چوي ٿي:

Those orguing against it (Secularim) now, do they want an Islamic country like Iran? I do not want to Live in another Saudi Arat or Iran. If you Really want to apply the Shariah like in Saudi Arabia, of conrse, you will first



ban alcohol and you will confine women to their homes. No Islamic Rule Prevents a wife to be beaten. A husband would just beat his wife and then go to the Friday prayers.

جيڪي ماڻهو اڄ هن ( سيڪيولرزم ) جي بر خلاف ڳالهيون ڪن پيا، ڇا اهي ايران جهڙو اسلامي معاشرو چاهين ٿا ؟ آئون ڪنهن بہ سعودي عرب يا ايران جهڙي ملڪ ۾ نٿي رهڻ چاهيان جيڪڏهن توهين واقعي سعودي عرب جهڙي شريعت نافذ ڪرڻ چاهيو ٿا تہ توهان کي سڀ کان اڳ شراب تي بندش وجهڻي پوندي ۽ عورتن کي گهرن ۾ قيد ڪرڻو پوندو. ڪو بہ اسلامي قانون عورت کي مارڪٽ کان نٿو بچائي، مڙس پنهنجي زال کي مار ڏيئي يڪدم جمعي نماز پڙهڻ لاءِ هليو ويندو آهي،"

مٿين عبارت جي هڪ هڪ لفظ مان مذهب اسلام ۽ اسلامي تعليمات جي باري ۾ جنهن " اڻچاٽائي ۽ بغض" جو اظهار ٿئي پيو، سو ڪنهن بہ سيڪيولر ذهن کي سمجهڻ لاءِ ڪافي آهي، انهيءَ ڪري Secularization جو مقصد اهو ٻڌايو وڃي ٿو تہ Secularization is defined as the deliverance of man, first from religions and then from metaphysical Control over his reason and his Language.

" سيڪيولرزم جو مطلب آهي تہ ماڻهوءَ کي پهرئين مذهب ۽ پوءِ سندس عقل ۽ فهم کي ما بعد الطبيعاتي گرفت کان آزاد ڪرائڻ ."

## مغرب ۾ سيڪيولرزم جي ارتقاءِ جا سبب

مغربي دنيا ۾ سيڪيولرزم جي شروعات ۽ واڌ يعني ارتقاء جا ڪئين سبب هئا، اهي سبب سياسي ۽ معاشرتي هئڻ سان گڏ مذهبي بہ هئا. مغربي دنيا مسيحي تعليمات جي اثر هيٺ هئي ۽ انهن جي مذهبي تصور ۾ ديني ۽ دنياوي لحاظ کان ويڇا موجود هئا. جنهن جو بنياد انجيل ۾

حضرت عيسيٰ عہ ڏانهن منسوب هي قول آهي تہ. ”جيڪو حصو قيصر جو آهي، سو قيصر کي ڏيو ۽ جيڪو خدا جو آهي سو خدا کي ڏيو.“

مغربي دنيا ۾ خدا جو تصور بہ عجيب آهي تہ ”هي ويچارو مسڪين خدا، انگريزن جي بادشاهہ وانگر آهي، جيڪو بادشاهہ تہ آهي پر حڪومت نٿو ڪري“.

ٻيو هي بہ تہ عيسائي مذهب ۾ ماڻهن جي زندگيءَ جي مختلف معاملن لاءِ، يا معاشرتي لاڳاپن توڙي رياستي ۽ سياسي معاملن لاءِ احڪام موجود نہ آهن، عيسائيت ۾ فقط حضرت عيسيٰ جا روحاني ۽ اخلاقي وعظ ملن ٿا، تن مان بہ هو زندگيءَ لاءِ عام معاملن ۾ ڪي اصول ۽ ضابطا جوڙي سگهيا ٿي، سي بہ هنن ڪونہ جوڙيا. تنهنڪري انهن کي معاشرت، معيشت، سياست ۽ اخلاق جا جيڪي بہ قانون يا ضابطا ڏنا وڃن ٿا سي سندن مذهب سان نٿا ٽڪرائين.

مغربي تهذيب ۽ معاشرت ۾ جيڪڏهن حڪومت مذهب کان، يا مذهب، حڪومت کان ڌار ٿي وڃي ٿو تہ . نہ حڪومت کي ڪا پريشاني ٿئي ٿي ۽ نڪي مذهبي تعليمات تي عمل ڪرڻ ۾ ڪا رنڊڪ پيدا ٿئي ٿي، اٽلو رياست، مذهب کان بلڪل لا تعلق رهندي بہ، مذهب جي مالي ۽ اخلاقي حمايت جاري رکي سگهي ٿي .

ڪليسا ماضيءَ ۾ علم ۽ راءِ جي آزادي جي حوالي سان جيڪو ڪردار ادا ڪيو هو تنهن جي نتيجي ۾ مغربي ماڻهو توڙي مغربي قومن جي نظر ۾ ڪليسا ڏاڍ، ڏمر، دهشت ۽ خونريزي جو ٻيو نالو ٿي پيو هو. تنهنڪري يورپ ۾ عوام ان جي برخلاف اٿي کڙا ٿيا ۽ ڪليسا جي هر گرفت کان آزاد ٿي ويا.

اتي جي مذهبي جلادن کان نجات حاصل ڪرڻ جو اهو ئي ذريعو هو يعني مذهب ۽ مذهبي ماڻهن کان، حڪومت کي جدا ڪري ڇڏجي، تنهنڪري مغربي قومن جي اجوڪي تصور مطابق مذهب کي اقتدار يا



حڪومت ۾ شامل ڪرڻ، اڳوڻي ڏکوئيندڙ صورتحال ڏانهن موٽڻ جي مترادف آهي.

## اسلامي دنيا جي بلڪل برعڪس صورتحال

مٿي ڏنل سبب يا عامل اهي آهن جن جي ڪري مغرب ۾ سيڪيولرزم جي مزاحمت ڪانہ ڪئي وئي، اٽلو ان جو آڌار ڀاءُ ڪيو ويو ۽ ان کي نجات ڏياريندڙ، ترقي پسند ۽ انساني وقار، امن ۽ آزادي جي علامت سمجهيو ويو. پر اسلامي دنيا ۾ فڪري توڙي ديني ۽ معاشرتي لحاظ کان حالتون بلڪل ڌار هيون.

مسيحي تعليمات جتي هي چوي ٿي تہ” قيصر جو حصو قيصر کي ڏيو ۽ خدا جو حصو خدا کي ڏيو“ اتي اسلام پنهنجي پوئلڳن کي سيکاري ٿو تہ :

” زمين ۽ آسمان ۾ جيڪي ڪي آهي سو سڀ هن جوئي آهي“ (له مافي السموت وما في الارض ) تنهن ڪري هر مسلمان کان اعلان ڪرايو ويو تہ قل ان صلاتي ونسڪي ومحياي ومماتي لله رب العلمين ( چئو تہ، منهنجي نماز، منهنجيون سڀ عبادتي رسمون، منهنجو جيئڻ، منهنجو مرڻ، سڀ الله رب العلمين لاءِ آهي ).

مسيحي دنيا جي سرگرمين ۽ فڪر (Thinking) جو مول متو هي آهي تہ “ خدا اهڙو بادشاه آهي جيڪو حڪومت نٿو ڪري“ ان جي بلڪل برعڪس مسلمان اهو يقين رکي ٿو تہ :_

( اللهم مالڪ الملڪ تؤتي الملڪ من تشاء وتنزع الملڪ ممن تشاء وتعز من تشاء وتذل من تشاء، بيدڪ الخير انڪ عليٰ ڪل شيءٍ قدير ) خدا وندا، ملڪ جا مالڪ ! تون جنهن کي چاهين حڪومت ڏين ۽ جنهن کان چاهين کسي وٺين جنهن کي گهرين عزت بخشين جنهن کي گهرين ذليل ڪري ڇڏين، سڀ چڱائي تنهنجي ئي اختيار ۾ آهي. بيشڪ تون هر شي تي قادر آهين.)

عيسائيت ۾ ماڻهن جي زندگي جي معاملن بابت هدايتون نٿيون ملن، ته اسلام ۾ انساني معاملن بابت هر طرح هدايتون ڏنل آهن، صفائي، طهارت، غسل، کاڌي پيتي تجارت، معيشت، نڪاح طلاق ملڪي معاملن، صلح، جنگ مطلب ته زندگيءَ جو ڪو به اهڙو پهلو ڪونهي جنهن ۾ قرآن ۽ سنت مسلمانن جي رهنمائي نه ڪئي هجي. مٿيان سبب اهڙا سبب آهن جن جي ڪري سيڪيولرزم جو مطلب دنيويت يا علمانيه سمجهڻ وارن جي ڳالهه مسلمان معاشرن ۾ قبول ڪا نه ٿي سگهي آهي. ساڳئي طرح ان جو مطلب علم جي حوالي سا علمانيه سمجهڻ وارن کي مغرب ۾ ته پزيرائي ملي سگهي ٿي ۽ ملي به آهي، ڇو ته اتي غور فڪر، ڪائنات جي تحقيق ۽ تسخير، تدبر ۽ تعقل، مذهب جي خلاف هئا ۽ اڄ به مغرب ۾ ايترو ڇوڻ ڪافي سمجهيو وڃي ٿو ته، ” هي منهنجو عقيدو آهي، ان تي بحث نٿو ٿي سگهي، “ مغرب جي فڪري سانچي مان نڪتل ماڻهو ته ان دليل کي مڃين ٿا، ڇو ته اهي سمجهن ٿا ته سيڪيولرزم جو مطلب علمي طريقو اختيار ڪرڻ، علم جو احترام ڪرڻ ۽ زندگيءَ جي معاملن کي علمي تقاضائن مطابق حل ڪرڻ آهي، جڏهن ته انهن وٽ مذهبي رويي جو مطلب آهي ذاتي جذبا، مفروضا، وهم يا انڌي تقليد آهي.

ان جي برعڪس مسلم معاشري ۾ ڪو به وچولي درجي جو ماڻهو به ڄاڻي ٿو ته اسان جو سمورو دين علم آهي. قرآن شريف علم جو سر چشمو آهي ۽ معجزو آهي. جڏهن عربستان جي مشرڪن، نبي ڪريم صلي الله عليه وسلم کان معجزو گهريو ته خود الله تعاليٰ ان جو جواب ڏنو ته ” ڇا انهن ماڻهن لاءِ هيءَ ( نشاني ڪافي ڪانهي، ته اسان تو تي ( هي ) ڪتاب نازل ڪيو آهي جيڪو کين پڙهي سڻايو وڃي ٿو؟ )

الم يڪفهم انا انزلنا عليڪ الڪتب يتليٰ عليهم .

قرآن پاڻ به هڪڙو علمي معجزو ۽ علم جو سر چشمو آهي. اهو ماڻهن کي سڏي ٿو ته اچو اکيون کولي ڏسو پاڻ تي به غور ڪريو ته، زمين ۽



آسمان جي انتظام کي سمجهڻ جي ڪوشش ڪريو. ماڻهن کي گهرجي ته هو مخلوقات جي تخليق کي ڄاڻڻ جي جاکوڙ ڪن، دنيا جي تاريخ تي غور فڪر ڪن، تان جو نبوت ۽ توحيد کي به عقل ۽ فڪر سان سمجهڻ جي قرآن ترغيب ڏئي ٿو . اهڙي علمي فضا ۾ اها ڳالهه مسلم معاشرن ۾ ڪيئن قبول ڪري سگهجي ٿي ته، ” مذهب کي هڪ پاسي رکو ۽ سيڪيولرزم اختيار ڪريو، ڇو ته سيڪيولرزم علمي رويي جو نالو آهي“ اهو ئي سبب آهي جو سيڪيولرزم کي جڏهن به مسلم معاشرن ۾ نافذ ڪرڻ جي ڪوشش ڪئي ويئي ته ان کي زور زبردستي سان نافذ ڪرڻو پيو ان جو واضع مثال ترڪي آهي، نورسي تحريڪ تي بحث دوران ترڪيءَ ۾ سيڪيولرزم نافذ ڪرڻ جو ذڪر ٿي چڪو آهي ته اتي ڪيڏو نه رت وهايو ويو هو، ڪيترن ماڻهن کي قيد ۽ بند ۾ رکيو ويو هو. قرآني متن تي پابندي هنئي وئي هئي ، اذان بند ڪرائي وئي هئي تان جو خانقاهن ۽ مدرسن کي به غير قانوني ٺهرايو ويو هو. اسلامي لباس پائڻ کان زوري روڪيو ويو هو ۽ انگريزي هيٽ استعمال ڪرڻ کي لازم ڪيو ويو هو، ذاتي توڙي خانگي زندگي بابت اسلامي قانون کي ختم ڪيو ويو هو.

اسلامي معاشري ۾ سيڪيولرزم کي نافذ ڪرڻ لاءِ جڏهن به اهڙا قدم کڻا پون، ته ان کي لا دينيت نه چيو وڃي ته پيو ڇا چيو وڃي؟اهوئي سبب آهي جو هاڻي اسلام يا مسلمانن جي معاشرن ۾ سيڪيولرزم پنهنجي اصل صورت ۾ نه،پر مختلف لبادن ۾ اوڏائي رائج ڪيو پيو وڃي. جيڪڏهن صاف صاف طرح سيڪيولرزم جي تبليغ شروع ڪئي وڃي ته پهرئين ئي مرحلي ۾ عوام خبردار ٿي ويندو ۽ سيڪيولرزم کي عوام ۾ داخل ٿيڻ جو رستو ڪونه ملندو. جيئن اسلامي جمهوريه پاڪستان جي صدر (2007ع ۾ ) معاشري کي سيڪيولر بنائڻ لاءِ ڪافي قدم کنيا، پر هو پنهنجي زبان سان پاڪستان کي روشن خيال، ترقي پسند، جديد، اسلامي فلاحي مملڪت بنائڻ جي ئي ڳالهه ڪندو هو . هن پنهنجو آئيڊيل ڪمال اتا

ترڪ ڪي مقرر ڪيو هو. ڇو ته ڪيس خبر هئي ته قوم جي اڪثريت فقط اهو چاهي ٿي ته ڪمال اتاترڪ هڪڙي برادر اسلامي ملڪ جو رهنما هو. مسلمان معاشرن ۾ سيڪيولر عناصر. چاهي واٽي انهيءَ ڏڙ ريڍو سسي ٻاڪري جي پاليسي تي ڪاربند آهن.

مطلب ته اسان ۽ انهن ماڻهن جي وچ ۾ جيڪي مسئلن جي اسلامي حل جا دشمن آهن يا سيڪيولرزم جا علمبردار آهن يا اسلامي شريعت جي نفاذ جا مخالف آهن. جي وچ ۾ جيڪو اهم ترين مسئلو آهي سو پنهنجي مؤقف کي واضع طرح بيان ڪرڻ جو آهي ۽ ان سوال جي باري ۾ واضع نقطه نظر اختيار ڪرڻ جو مسئلو آهي ته ڇا هو مسلمان آهن ؟ ڇا هو اسلام جا همنوا آهن يا ان جا مخالف آهن؟ ڇا اهي شريعت جي نفاذ جي حق ۾ آهن يا ان جي بر خلاف آهن؟

گهڻو گمان اهو آهي ته هو اهوئي چوندا ته اسين مسلمان آهيون، ۽ نسلي طرح اسلام سان لاڳاپيل آهيون. ظاهر آهي ته اهي ماڻهو جن کي سياست تجربيڪار بنائي ڇڏيو آهي، تن مان اهڙي اميد نٿي ڪري سگهجي جيئن مصر جهڙي ملڪ ۾ مسلمانن جي وچ ۾ رهندي اهي دينا داستي ڇئي ڇڏين ٿا ته دين جو دور هاڻي ختم ٿي ويو آهي ۽ اسين دين تي ايمان نٿا رکون، هتي اهڙو اعلان ڪندي ئي هو عوام جي حمايت کان محروم ٿي ويندا.

عوامي حمايت جي محرومي جي خوف کان پنهنجي مٿان اوڍڻ لاءِ لبادو هينيان لفظ ۽ نعرا آهن. راءِ جي آزادي، عورتن جا حق، عورتن جي آزادي، ٻارن جا حق وغيره وغيره ۽ انهيءَ مقصد کي حاصل ڪرڻ لاءِ ماڻهن مان حيا جو احساس آهستي آهستي ختم ڪرڻ آهي، بزرگن جي احترام ۾ گهٽتائي، اسلامي ماضيءَ سان تعلق ڪاٽڻ، خانداني نظام جي پاڙ پٽڻ عالمي ثقافت کي وڌائڻ،سائنس ۽ معيشت کي ئي انسان جي ڀلائي ۽



خوشيءَ جو سامان سمجهائڻ وغيره جهڙا منصوبا هلائڻ جي ڪوشش ڪئي پئي وڃي.

سيڪيولرزم تي گفتگو ڪندي هيستائين به ڳالهيون واضع ٿي سامهون آيون آهن.

1_ سيڪيولرزم هڪ نئين دين ۽ ڌار نظام زندگيءَ جي شڪل اختيار ڪئي آهي،

2 سيڪيولرزم نه رڳو ذهني رويي جي جوڙ جڪ جو تقاضا ڪري ٿو پر ان کي پوري طرز زندگي ۽ نظام حيات جي حيثيت سان پنهنجو مطالبو به ڪري ٿو ۽ ان کان به اڳتي وڌي هي اڳرائي ۽ جارحانا انداز ۾ پوري دنيا تي غالب نظام ۽ ڪلچر جي حيثيت اختيار ڪرڻ چاهي ٿو.

انهن سببن جي ڪري ان ۾ ڪنهن ٻئي مذهب ۽ خاص طور تي اهڙي ڪنهن دين جي ڪا به گنجائش ڪانهي، جيڪو عبادتي رسمن جوئي نه پر زندگيءَ جي سمورن معاملن ۾ پنهنجي تعليمات جو تقاضا ڪندڙ هجي. اهوئي سبب آهي ته سيڪيولرزم جنهن عيسائيت جي تضادن ۽ ڪمزورين جي رد عمل مان جنم ورتو هو، تنهن هاڻي اسلام جي اصل مد مقابل دين جو درجو حاصل ڪري ورتو آهي. جيئن اسلام هڪ دعوتي مذهب آهي، تيئن سيڪيولرزم به دعوتي مذهب ٿي پيو آهي، ٻئي ماڻهن کي توڙي معاشرن کي پاڻ ڏانهن اچڻ جي دعوت ڏيئي رهيا آهن. پر ٻنهي جو پيغام ۽ دعوتي انداز هڪ ٻئي کان بلڪل جدا آهي.

## اسلامي دنيا ۾ سيڪيولرزم جا عنوان

اسلام پنهنجن عقيدن، اخلاقي ۽ معاشرتي تعليمات، ۽ الله ۽ سندس مخلوق سان محبت جي آڌار تي ماڻهن کي دين ڏانهن سڏي ٿو. جڏهن ته سيڪيولرزم، غير اسلامي ملڪن ۾ سيڪيولرزم جي نالي سان ۽ اسلامي ملڪن ۾ عام طور تي ٻين عنوانن ذريعي داخل ٿيڻ جي ڪوشش ڪندو آهي، ڇو ته ٻين ملڪن ۾ فرد جي آزادي، راءِ جي اظهار جي آزادي ۽

مذهب کي انفرادي عمل تائين محدود رکڻ جي ڳالهه ئي ڪافي پُرڪشش محسوس ٿئي ٿي، جڏهن ته اسلامي معاشرن ۾ افراد جو تعلق سڀ کان اڳ مذهب سان ڪمزور ڪرڻ ضروري هوندو آهي. تنهنڪري تفريح جي نالي ۾ مسلمان نوجوانن کي لذت پسندي ۽ عيش عشرت ڏانهن راغب ڪرڻ لاءِ ڀرپور مهمون هلايون پيون وڃن. ڇو ته ائين ڪرڻ سان ڪنهن به فرد کي ڪنهن بالاتر نصب العين لاءِ ڪم ڪرڻ ۽ ڪنهن مقصد لاءِ ايثار ڪرڻ کان روڪي سگهجي ٿو.

سيڪيولرزم جو ٻهريون نشانو فرد کي بي مقصديت جي رستي تي هلائڻ آهي. ان لاءِ فرد جي آزادي جي ڳالهه مختلف طريقن سان ڪئي ويندي آهي، سڌ سماء جا وسيلا خاص طور تي ٽيلي وزن،ڊگهي منصوبه بندي هيٺ ان مقصد حاصل ڪرڻ لاءِ ڪم ڪري رهيو آهي. اهڙا ڊراما ۽ گانا پيش ڪيا پيا وڃن جن ۾ چيو ويندو آهي ته " منهنجي مرضي آئون ڇا به ڪريان“ ۽ جيئن ته پاڪستاني ۽ مسلمان معاشرن ۾ ڇوڪريون وڌيڪ فرمانبردار هونديون آهن تنهن ڪري اهڙا جملا گهڻو ڪري ڇوڪرين کان چوارايا ويندا آهن. بي مقصديت جي رستي تي هلائڻ لاءِ اثرائتو ۽ آسان طريقو بي حيائي کي پکيڙڻ به آهي. اهو ڪم اسان جا سڌ سماء جا ذريعا ائين ئي نٿاڪن پر گهڻي غور فڪر ۽ مضبوط رٿا بندي سان اهو ڪم ڪيو پيو وڃي . ان ۾ ڊراما ۽ انهن جا ڪردار، مذاڪرا ۽ انهن ۾ شريڪ ٿيندڙ حضرات، انهن جي ڳالهه ٻولهه جو نمونو، لباس جي چونڊ، رهڻي ڪهڻي جو طريقو ان مقصد هيٺ طئي ڪيا ويندا آهن. ان سلسلي ۾ وڏي استقامت سان هوريان هوريان بي حيائيءَ کي وڌايو پيو وڃي ڇو ته اڄ ٽيليوزن تي ڪا خاتون ڪمپيئر يا ڊرامي ۾ ڪم ڪندڙ ڪا عورت جنهن لباس ۾ اچي ٿي، ڪي سال اڳ جيڪڏهن ان کي پيش ڪيو وڃي ها ته شديد عوامي رد عمل جو خطرو هو. اڳي ايڪٽر ٻيڪٽر ڪنهن زناني ڪردار کي شلوار جي بدران پتلون ۾ ٽي وي تي آندو ويندو هو ۽ ان وقت اهو خيال به رکيو ويندو هو ته



عورت جي قميض ڪافي ڊگهي رکي ويجي ۽ پوءِ آهستي آهستي اهڙن ڪردارن جو تعداد وڌندو ويو هوريان هوريان قميض ٿورو مٿي آندي ويئي ۽ هاڻي وڌيڪ مٿي ڪئي وئي آهي. اڳي عورت جي قميضن جون آستينون ننڍيون رکيون وينديون هيون ۽ پوءِ هوريان هوريان اهي آستينون ختم ڪري ڇڏيون ويون ۽ ڪي ڪي جهلڪيون تمام گهٽ ڪپڙن ۾ به ڏسڻ ۾ اچن ٿيون.

ڪي سال اڳ راقم تيار ڪپڙن جي دڪانن تي ڏٺو ته نوجوان ڇوڪرين جا ويس وڳا نون ڊزائينن ۾ ۽ اعليٰ قسم جي ڪپڙن ۾ آهن. انهن ۾ شلوارن جي بدران پائجاما ۽ پتلونون آهن. ان وقت مون کي ڏاڍي حيرت ٿيندي هئي ته پاڪستاني معاشري ۾ اهڙا ڪپڙا ڪير خريد ڪندو؟ پر انهيءَ دوران ٽيليوزن جي اشتهارن ۽ ڊرامن ۾ اهي لباس ٻهرايل ڇوڪريون ڏيکارڻ شروع ڪري ڇڏيون ويون شروعات ۾ ننڍين ننڍين ڇوڪرين کي پتلونون شوق خاطر پارائيندا رهيا ۽ هاڻي وڏين عورتن کي پتلونن سان ٽي وي تي آندو ويجي ٿو. حيا جيئن ته نياڻين ۾ وڌيڪ هوندو آهي، تنهن ڪري ڊرامن ۾ ڇوڪرين جا لباس گهٽ ڪپڙن وارا ڪرائيندا پيا وڃن، هاڻي مورڳو محبت جي اظهار ۾ اڳرائي يا پيش قدمي ڇوڪريءَ جي طرفان ئي ڪرائي ويجي ٿي.

عيش ڪوشي جي واڌاري لاءِ به لڳاتار ڪوششون ڪيون پيون وڃن. ان ۾ اهم ڪردار سڌسماء جا ادارا آهن خاص طور تي ٽيليوين آهي جيڪو هر گهر ۾ هر بيڊ روم ۾ رکيل هوندو آهي، ڊرامن ۾ ڪنهن ڪمري جو منظر ڏيکاري کي جملا چوراٽا هوندا آهن ته ٻهرئين عاليشان گهر جو ٻاهريون منظر پوءِ وڏو لان، پوءِ وسيع ڊرائينگ روم جنهن ۾ قيمتي شوپيسن تي فوڪس ڪرڻ ڪانپوءِ ڪئيميرا ڪردارن تائين پهچندو آهي. ڪي پروگرام برانڊنيو ماڊل ڪارن جو تعارف ڪرائڻ لاءِ هوندا آهن. اهڙي طرح ماڻهن جي ذهن ۾ اها ڳالهه وهاريندا آهن ته عاليشان ۽ ڀرپور خوش زندگي ته اها ئي آهي. ان جي معيار تائين پهچڻ جي ڪوشش ڪرڻ ۾ لڳي وڃو.

اهو معيار هڪڙي ماڻهوءَ جي ڪمائيءَ مان پورو نٿو ٿي سگهي تنهن ڪري عورتون جيڪي گهرن ۾ ” بيڪار “ ويٺيون آهن تن کي به پئيسي ڪمائڻ لاءِ ڪم ڪرڻ گهرجي، ٻار گهٽ پيدا ڪرڻ گهرجن. تعليم اها حاصل ڪرڻ گهرجي جنهن مان وڌ ۾ وڌ پئسا ڪمائي سگهجن ۽ جلدي ڪمائي سگهجن.

بي مقصديت جي رستي ۾ هڪ وڏي رنڊڪ مسلمان معاشرن جو خانداني نظام آهي. ڇو ته اهو نه رڳو ٻارن جي تربيت جو مرڪز آهي، پر اها تربيت انهن کي دين سان وابستگي سيکاري ٿي. وڏن جي احترام، ننڍن تي شفقت، ٻين سان همدردي ۽ ايثار، اجتماعيت جي برقراري لاءِ ڪوشش، اهي سڀ ڳالهيون ماڻهو خاندان ۾ رهندي پاڻمرادو سکي ويندو آهي. تنهنڪري سيڪيولرسٽن جي نظر ۾ ” فساد جي ان پاڙ “ کي کوٽي ڪيڍڻ تمام ضروري آهي. خاندان جو بنياد مرد ۽ عورت جي گڏ رهڻ سان شروع ٿيندو آهي. ان ڪري عورتن جي حقن جي تبليغ وڏي واڪي زور شور سان ڪئي وڃي ٿي. پاڪستان ۾ گهرن توڙي معاشري ۾ عورتن جو احترام ڪيو ويندو آهي. پر عورتن جي حقن جي علمبردارن عورت مرد جي وچ ۾ تعصب کي وڌائي، گهرن ۾ به پيدا ڪري ڇڏيو آهي. ٻاهر ته اهو تعصب نسلن، فرقن، ذاتين ۽ قبيلن ۾ اڳي ئي موجود هو پر هاڻي ان کي وڌائي گهرن ۾ به پيدا ڪيو ويو آهي. خانداني نظام جي استحڪام ختم ڪرڻ لاءِ بزرگن جي احترام ۾ ڪمي، پسند جي شادين ۽ اهڙن ٻين معاملن جي تبليغ به ذرائع ابلاغ مان زورشور سان جاري آهي.

بي مقصديت، بي حيائي، روايتن کان منهن موڙڻ، خانداني نظام جي پيچ ڊاهڻ، مغربي طرز جي رهڻي ڪهڻي، اهي سڀ ان خاص قسم جي فڪر ۽ زندگيءَ جي نظام تي ٻڌل عالمگير نظرئي جا مختلف مظاهر آهن. انهن مقصدن حاصل ڪرڻ لاءِ حڪومتون، انهن جا وسيلا، غير سرڪاري تنظيمون، انهن جا مقامي ۽ بين الاقوامي وسيلا، سڌ سماء جا ادارا خاص طور ٽي ٽي وي چينل ۽ انٽرنيٽ جون بيشمار ويب سائيٽون ڪم ۾ رڌل آهن.



انهن سڀني معاملن جي باري ۾ جيڪا ڳالهه گهڻو ڪري سڀ چون ٿا سا اها آهي ته اسان جيڪڏهن انهن سان نه هليا سين ته اسين دنيا کان ڪاٽجي ويندا سين، دنيا جا ماڻهو اسان جي باري ۾ ڇا چوندا وغيره وغيره_ اهو فڪر اصل ۾ عالمگيريت جي ان اصول کي مڃڻ جي نشاني آهي ته ساري دنيا جو ڪلچر ۽ فڪري توڙي علمي نظام هڪ جهڙو هئڻ گهرجي .

سنڌيڪار : عبدالهادي ٽيپو

# اهل هنود

## اسلام جي شاهراه تي

### محمد سلمان

### (اڳوڻو نالو بنواري لال)

احمد اواهہ : السلام عليڪم .

محمد سلمان : وعليڪم السلام

سوال: بابا سائين، موڪليو آهي تہ توهان جو انٽرويو ڪريان،

جواب : هائو_ مولانا صاحب جو بہ فون آيو هو.

سوال: مهرباني ڪري توهين پنهنجو پريوارڪ پريچي ( تعارف )ڪرايو.؟

جواب : منهنجو پهريون جنم مظفر نگر جي ملهوپوره محلي ۾ ٿيو هو. اسين ذات جا دلت يعني چمار ( گر گلا يعني مئل جانورن جو چم لاهي وڪڻڻ وارا) آهيون. آئون 6 آگسٽ 1958ع تي ڄائو هوس. اها تاريخ اسڪول جي سرٽيفڪيٽ موجب آهي. اصل جنم تٿي ( ڄم جي تاريخ ) جي خبر، هڪڙي گرگلي جي گهر، سو بہ پنجاهہ ورهيہ اڳ ڪيئن ٿي پئجي سگهي. پتاجي ( منهنجو والد ) ويچارو مزوريون ڪندو هو. پر جڏهن وڏيڪ ڪمزور ٿي پيو تہ پاڇيون وڪڻي گذر بسر ڪندو هو. سند نالو اتر سنگهہ هو.

هن منهنجو نالو بنواري لال رکيو. اسان جي خاندان ۾ پڙهڻ پڙهائڻ جو رواج ڪو نہ هو. منهنجو مامون هڪڙي بينڪ ۾ پٽيوالو هو ۽ انٺون درجو پڙهيل هو. هن منهنجي پڙهائي لاءِ ڪوشش ورتي ۽ آئون پنهنجي خاندان ۾ ٻارهون ڪلاس پاس ڪرڻ وارو پهريون ڇوڪرو هوس. ۽ پوءِ ٽائيپنگ بہ



سکي ورتيم، ۽ ان جي آڌار تي مونکي پوليس ڪاتي ۾ ڪلارڪ جي نوڪري ملي وئي، ڏاڍي وپريت اسٿتي ( مخالف ماحول ) ۾ پڙهيس. اسڪول جو هيڊ ماسٽر هڪڙو پنڊت جي هو مون کي ايڏو تہ ذليل ڪندو هو جو ڪيترا ڀيرا زهر کائڻ لاءِ دل ڪندي هئي، ڪلاس ۾ سڀني کان پوبان وهاريندو هو ۽ ڏاڍو بدشد ڳالهائيندو هو. اسين ماڻهو ساري ڄمار اڇي ذات وارن جي هٿان ذليل ٿيندا رهيا آهيون. 25 سالن ۾ منهنجيون هڪ سؤ سٺ ٺاڻن ۾ بدليون ٿيون. توهان جي رتن پور واري ٺاڻي تي بہ آئون رهي چڪو آهيان، اتي ئي مون کي هيڊمحرر تي ترقي ملي هئي . منهنجو ٻيو جنم ( پيدائش ) اڄ کان ڏهہ مهينا اڳ 18 جولاءِ تي ٿيو هو.

سوال : انهيءَ ٻئي جنم جي خبر تہ اسان سڀني کي آهي، پر ان جي باري ۾ توهين پنهنجي واتان ڪجهہ ٻڌايو.يعني پنهنجي اسلام قبول ڪرڻ بابت پنهنجي آتم ڪهاڻي ٻڌايو؟

جواب : جئين تہ اها خبر تہ توهان کي بہ آهي تہ بهار جي هڪ وڏي ڊاڪٽر جي ڌيءَ ميرٺ ڪاليج ۾ پڙهندي هئي ۽ پنهنجي ڦڦي جي گهر رهندي هئي، ان جا غلط تعلقات هڪڙي مسلمان ڇوڪري سان ٿي پيا. ڇوڪري جو نالو بلال هو. ڳالهيون اڳتي وڌيون تہ ٻنهي پهہ ڪيو تہ پاڻ ۾ شادي ڪنداسين.هڪڙي ڏينهن ڇوڪري ڦڦيءَ جي گهران نڪري ڇوڪري وٽ آئي تہ مون کي مسلمان ڪري مون سان شادي ڪر. ڇوڪرو سادو سودو ۽ ڪمزور دل جو هو. هن انڪار ڪيو تہ منهنجا گهر وارا توکي پاڻ سان ڪونہ رهائيندا ۽ منهنجيون حالتون اهڙيون ڪونہ آهن جو ڪنهن ٻئي هنڌ توکي رهائي سگهان. ڇوڪريءَ ڳالهہ نہ مڃي ۽ چيائين تہ جي شادي نہ ڪندين تہ آئون زهر کائي پاڻ ماري ڇڏينديس، ڇوڪرو مجبور ٿي پيو. ڪيترن هنڌن تي شادي ۽ نڪاح ڪرائڻ لاءِ ڪيس وٺي ويو. پر ڪو بہ اهو ڪم ڪرڻ لاءِ تيار نہ ٿيو. ڪنهن ماڻهو مشورو ڏنو تہ ڦلت وڃ. هو ڦلت پهتو مولانا ڪليم صاحب سندس سر بستو احوال ٻڌو. ڇوڪريءَ کان بہ

چڱي طرح پڇا ڳاڇا ڪيائين. هن چيو ته منهنجا گهر وارا ته تيار ٿي ويندا. منهنجو پيءُ ته اڳ ئي مسلمان آهي. روزانو قرآن شريف پڙهندو آهي. حضرت ( مولانا ڪليم ) ڪلمو پڙهائي انهن جو نڪاح ڪرائي ڇڏيو ۽ وڌيڪ قانوني ڪاروائي پوري ڪرائڻ جو مشورو ڏنائين. ڇوڪرو ڏاڍو سادو هو. چوڻ لڳو ته منهنجو ته ڪو به نڪاڻو ڪونهي. نانا ڪلڪتي ۾ رهندو آهي. مون سوچيو اوڏانهن هليو وڃان. فون تي ڳالهايم ته هن صاف منع ڪري ڇڏي. منهنجا گهر وارا مون کي اچڻ ڪونه ڏيندا.مولانا چيو ته تنهنجا گهر وارا توکي نٿا رکن ته اسين ڪيئن رکي سگهون ٿا؟ اتي هو سڏڪا ڀري روئڻ لڳو. حضرت صاحب کي رحم اچي ويو. هن انهن کي ٻه چار ڏينهن پاڻ وٽ ڦلت ۾ رهائي دهلي موڪلي ڇڏيو ۽ اتي انهن کي هڪڙو ڪمرو ڀاڙي تي وٺي ڏنو ۽ پنهنجي ڀيڻ جي ذريعي ڇوڪريءَ جي اسلامي تعليم جو بندوبست ڪري ڇڏيائين: ڇوڪريءَ جو نالو ثناء رکيو ويو. مولانا صاحب جي ڀيڻ ٿوري وقت ۾ ئي ڇوڪريءَ کي اسلام سمجهائي ڇڏيو ايتريقدر جو هن لاءِ ايمان بلال کان به وڌيڪ پيارو ٿي پيو ڇوڪريءَ جي ڦڦي، بلال ۽ سندس گهر وارن جي برخلاف ٿاڻي ۾ اغواء جي رپورٽ درج ڪرائي ڇڏي. بهار جو هڪڙو سينيئر آءِ پي ايس آفيسر، ڇوڪريءَ وارن جو مائٽ هو هن ميرٺ جي ايس ايس پي تي زوربار وڌو ته ڇوڪريءَ کي هٿ ڪريو. بلال جي پيءُ ۽ گهروارن کي پوليس جهلي وئي، مولانا صاحب گهڻو ئي چيو هو پر بلال پنهنجي سستي ۽ بي همتي جي ڪري قانوني ڪاروائي ڪانه ڪرائي. ڇوڪريءَ ٿاڻي ۾ فون ڪيو ته آئون گريجويٽ آهيان ۽ مون پنهنجي آزاد مرضي ۽ رضا خوشيءَ سان شادي ڪئي آهي، پر ٿاڻي وارن تي ان جو ڪو به اثر ڪونه ٿيو بلال جي وڏي ڀاءُ جيئن تيئن ڪري مولانا صاحب جو فون نمبر هٿ ڪري مولانا صاحب فون ڪيو ته بلال جو ڏس پتو ڏيو ته اسين قانوني ڪاروائي لاءِ ڪاغذ تيار ڪرايون ۽ ٿاڻي ۾ ڏيئي پنهنجي گهر وارن کي ڇڏارايون. مولانا ان وقت ممبئي ۾ هو هن مشورو ڏنو



ته ٻن ڏينهن کان پوءِ بلال دهلي جي فلاڻي مسجد ۾ ايندو. توهين ساڻس ملجو منهنجو پيٽڙيو توهان کي هن سان ملائيندو.

ٻنپهرن جي نماز ۾ بلال مسجد ۾ ڪونه پهتو بلال جو ڀاءُ پڇائون ڪندي ڪندي مولانا صاحب جي دهلي واري گهر، پهچي ويو. اتي گهر وارن هن کي چيو ته اسين ڪنهن به بلال کي نٿا سڃاڻون. اتي هن وري مولانا صاحب کي فون ڪيو مولانا صاحب گهر وارن کي بلال کي ڪنهن طرح ڳولهي ڪيس سندس ڀاءُ سان ملائڻ لاءِ چيو.پوليس تي دٻاءُ پيو ته انهن بلال جي ڀاءُ کي به گرفتار ڪري ورتو. انهن زور به ڏنو ۽ لالچ به ڏنائون ته اسان کي ٻانهن گهرجي، جيڪڏهن توهين اسان کي ڇوڪريءَ جو ڏس پتو ڏيو ته اسين سيني کي ڇڏي ڏينداسون. بلال جي ڀاء پاڻ ڇڏائڻ جي لالچ ۾ اچي ٿاڻي جي انچارج کي ٻڌايو ته ڇوڪري دهلي ۾ آهي. هو ڇوڪريءَ جي ڀاءُ کي وٺي رات جو دهلي پهتا ۽ 17 جولاءِ تي رات جو ساڍي ٽين بجي ٻٽلا هائوس تي حضرت صاحب جي گهر تي ڇاپو هنيائون. مولانا صاحب ڪنهن جي وفات تي وڃڻ جي تياري ڪري رهيو هو پوليس گهرجي تلاشي ورتي ۽ مولانا صاحب کان بلال جو پتو معلوم ڪيو مولانا ٻڌايو ته بلال هنن وٽ ڪونهي، ڪالهه هن جو فون آيو هو ۽ رنو پئي ته مون کان ڪمرو خالي ڪرائي ورتو اٿن، هاڻي آئون ڇا ڪريان؟ مولانا صاحب ڪيس پنجاب جي هڪڙي دوست جو نمبر ڏنو ته اتي وڃي ڪوشش ڪر. هو اتي ڪمري جو به بندوبست ڪندو ۽ ڪا نوڪري به وٺي ڏيندو. پوليس مولانا صاحب کي پاڻ سان جامعه نگر چونڪي وٺي وئي ۽ پوءِ جلدي ميرٺ ٿاڻي ڏانهن رواني ٿي وئي. مولانا صاحب جو موبائيل فون به پنهنجي قبضي ۾ وٺي ڇڏيائون. مولانا صاحب پوءِ ٻڌايو ته زندگيءَ ۾ پوليس سان اهڙو واسطو پهريون ڀيرو پيو هو يڪدم خيال آيو ته دعوت هر مشڪل جو علاج آهي سو مون دعوت جي ڳالهه شروع ڪئي. ٿاڻي جو انچارج موتلا صاحب ۽ حضرت صاحب ساڳئيءَ گاڏيءَ ۾ ويٺل هئا. مولانا صاحب ٿاڻي جي انچارج کان معلوم ڪيو

تہ توهين پوليس وارا آهيو يا انسان؟ هن يڪدم جواب ڏنو تہ اسين انسان پهرئين آهيون، پوليس وارا پوءِ. مولانا صاحب ! اسين جبل جا رهاڪو آهيون. اترا ڪنڌ جا جابلو ماڻهو سڀ کان اڳ انسان هوندا آهن. مولانا صاحب ڪيس چيو تہ مون ڏانهن ڏسو منهنجو منهن توهان کي ڏوهہ وارو ڏسڻ ۾ اچي ٿو؟ ڇا آئون ڪا ڇوڪريءَ اغوا ڪري سگهان ٿو؟ موٽلا صاحب چوڻ لڳو سر اسان توهان جي ڪا انادر ( بي عزتي ) تہ ڪانہ ڪئي آهي، توهان پوليس جي مدد ڪريو اسان کي فقط ڇوڪري گهرجي، اسان تي وڏو بار آهي.

مولانا صاحب چيو تہ اهو ڪو وقت آهي جو توهين ڪنهن شريف ماڻهوءَ کي رات جو ٽين بجي بنا ڏوهہ جي ٿاڻي وٺي پيا وڃو. مولانا صاحب مراد نگر مسجد ۾ نماز پڙهڻ جي اجازت گهري تہ موٽلا جيءَ هٿ ٻڌي چوڻ لڳو، سر آئون مسجد ۾ نماز پڙهڻ جي اجازت ڏئي نٿو سگهان، توهين رستي ۾ ڪٿي نماز پڙهجو، گاڏيءَ ۾ تڏو آهي. مولانا صاحب چيو، نماز تہ توهان کي بہ پڙهڻ گهرجي، هڪڙي مالڪ وٽ توهان کي بہ حاضر ٿيڻو آهي، اتي توهان کان پڇا ٿيندي تہ توهان نماز ڇو نہ پڙهي. مولانا صاحب ڪيس اسلام جون ڳالهيون ٻڌائيندو رهيو، ڪجهہ دير کان پوءِ ٿاڻي ۾ پهچي ويا. ٿاڻي ۾ موٽلا صاحب، مولانا صاحب کي ڪرسيءَ تي وهاري، سپاهيءَ کي چانهہ بسڪوٽ آڻڻ لاءِ چيو، مولانا صاحب منع ڪئي تہ اسين پوليس وارن جي چانهہ ڪونہ پيئندا آهيون. پر موٽلا صاحب جي، چيو تہ چانهہ واري کان پڇو تہ اسين ڪيس ڪيئن پئيسا ڏيندا آهيون، توهين سنتوشٽ ( مطمئن ) هجو تہ چانهہ پيو نہ تہ چانهہ جا پئيسا توهين پاڻ ڏئي ڇڏجو، موٽلا جي وهنجڻ ۽ نيرن لاءِ ميرٺ هليو ويو، ٿوري دير کان پوءِ مولانا صاحب جو پيٽويو ۽ بہ وڪيل بہ اچي ويا. مولانا صاحب هنن سان ڳالهيون پڻ ڪيون، مولانا صاحب ٻڌايو تہ، ايتري ۾ هڪڙو سنتري آيو ۽ چوڻ لڳو تہ مولانا صاحب توهين پنهنجي ڪرسي ڪٽي اندر وڃي ڏار وهو، مولانا صاحب سوچيو تہ،



ٿاڻي ۾ پنهنجي عزت بچائڻ گهرجي، سو هو اندر هليو ويو . اصل ڳالهہ هي آهي، ادا ! تہ منهنجي مالڪ کي مون مظلوم تي رحم اچي ويو، جو پاڻيءَ کي گرفتار ڪري اجايل وٽ موڪلي ڇڏيائين، آئون پنهنجي زبردست سپاهي سان بحث ڪري رهيو هوس، هو اهلاوت چوڌري هو، مون هن کي چيو تہ توهان وٽ ٿوري تعليم ۽ سمجهہ وڏيڪ آهي، نہ تہ هونئن ڪم تہ سڀ اسين ڪريون ٿا. مون چيو “ ميان صاحب ! مندر اسين ٺاهيون، مسجدون اسين ٺاهيون، سمورا ڪم اسين ڪريون، جڏهن جڙي تيار ٿي وڃن تہ اسان کي اندر اچڻ پير پائڻ بہ نٿا ڏين “ اتي مولانا صاحب چيو تہ مندرن جي ڳالهہ تہ توهين سچ ٿا چئو پر مسجدن ۾ اها ڳالهہ ڪانهي، توهين ڪنهن بہ مسجد ۾ امام جي پويان هليا وڃو ڪوبہ توهان کي ڪونہ جهلندو، توهين هندو سچاٽپ سان ئي دهلي جي جامع مسجد ۾ هليا وڃو توهان کي امام جي پويان بيهي نماز پڙهڻ کان ڪو بہ ڪونہ روڪيندو، مون چيو مولانا صاحب ! اصل ۾ اسين چمار ( گر گلا ) آهيون، آئون توهان کي پنهنجا ڏک ٻڌائي ڪونہ ٿو سگهان، تہ مون کي اسڪول ۾ ماستر صاحب سڀني کان پويان وهاريندو هو، آواز سنهو هو انهي ڪري جي ڪو سوال پڇندو هوس تہ مون تي گارين جو وسڪارو لاهي ڏيندو هو، ڪيترا ڀيرا دل ۾ آيو تہ مالڪ سائين، اسان کي هندو ڇو ڪونہ بڻايو، ڪيترا ڀيرا خيال آيو تہ ٻڌ يا مسلمان ٿي وڃان تہ چڱو آهي.

مولانا صاحب چيو تہ ٻڌ ٿيڻ کان پوءِ بہ امبيڊڪر جي، جو مسئلو حل ڪونہ ٿيو، هن پاڻ ڪتاب ۾ لکيو آهي تہ مسلمان ٿيڻ ئي مسئلي جو حل آهي. اتي مون چيو تہ اسان کي تہ ڪو مسلمان ڪرڻ وارو بہ ڪونہ ٿو لڀي، مولانا صاحب ٺهہ پهہ چيو تہ اچهو آئون اچي ويو آهيان نہ، مون چيو ” مولانا صاحب ! توهان کي ڀوڳ لڳو آهي ۽ آئون اندر ۾ پيو سڙان. آئون بلڪل سيريس ڳالهہ ٿو ڪريان. مولوي صاحب چيو تہ ” آئون توهان کان بہ سو ڀيرا وڌيڪ سيريس ( سنجيدو ) آهيان ۽ چوڻ لڳو تہ پڙهو ڪلمو لا الہ الا الله

محمد الرسول الله " پڙهو جلدي پڙهو ۽ هينئر ئي مسلمان ٿي وڃو " مون چيو تہ اهو تہ مون کي ياد آهي. مولانا چيو تہ مون کي پڙهي ٻڌايو. مون ڪلمو پڙهي ٻڌايو. مولانا صاحب چيو هاڻي انهن لفظن کي نيت سان سچي دل سان پڙهو. اهو خيال ڪريو تہ قرآن جيڪو مالڪ جو سنوڏان ( منشور ) آهي. ان جي شيٽ ( قسم نامو ) ڪٽي. پڙهان پيو. آئون هن منشور کي مڃان ٿو " مولانا صاحب جي چوڻ تي مون ڪلمو پڙهيو. مولانا چيو تہ. " بس هاڻي توهين مسلمان ٿي ويا آهيو" مون چيو تہ . " هاڻي مون کي مسلمان ٿيڻ کان پوءِ ڇا ڪرڻو پوندو ؟ " مولانا صاحب چيو تہ " مسلمان ٿيڻ لاءِ ڪجهہ بہ ڪرڻو ڪونهي. البتہ سٺو مسلمان ٿيڻ لاءِ اسلام کي پڙهڻو پوندو. نماز سکو. صفائيءَ جو اسلامي طريقو سکڻو پوندو " مون چيو " پوءِ ڪيڏانهن وڃڻو پوندو ؟ مولانا صاحب چيو تہ. " ڦلت اڇي وڃجو " مون چيو تہ ڦلت اهو جيڪو رتن پور ٺاڻي جي حد ۾ آهي. جتي هڪڙو وڏو مدرسو بہ آهي جتي جو هڪڙو مولانا ڏاڍو مشهور آهي. مولانا چيو " هائو اهو ئي " مولانا صاحب چيو تہ " فون نمبر لکي وٺو چڱو ٿيندو جو منهنجي اتي هوندي توهين اچو. احمد ڀاءَ ! آئون بيان نٿو ڪري سگهان تہ ڪلمو پڙهي مون کي ائين لڳو جيئن مون هڪڙي تنگ ۽ ٻوساٽيل زندگيءَ مان نڪري نئين جڳت ( جهان ) ۾ جنم ورتو آهي.

مولانا صاحب پوءِ ٻڌايو تہ جيئن ئي مون کي ڪلمو پڙهايو. موٽلا صاحب وٽ هوم سيڪريٽري ۽ ڪيترن ليڊرن ۽ آفيسرن جا فون آيا ۽ هن وري ٿاڻي ۾ انسپيڪٽر صاحب کي فون ڪيو. موٽلا صاحب انسپيڪٽر صاحب کي چيو تہ مولانا صاحب کي احترام سان آفيس ۾ وهاريو ۽ کيس ناشتو وغيره ڪرايو. آئون اچان ٿو. "

موٽلا جي آيو. مولانا صاحب سان معذرت ڪيائين تہ پوليس کي اصل ڳالهہ معلوم ڪا نہ هئي. هاڻي توهين باعزت وڃي سگهو ٿا. توهان کي عرض آهي تہ توهين ڪا جوابي ڪاروائي نہ ڪجو"ان وقت مون کي ائين لڳو تہ



منهنجي مالڪ سائين مون کي تنگي ۽ ظلم مان ٻاهر ڪڍڻ لاءِ مولانا صاحب کي گرفتار ڪرائي هيڏانهن موڪليو هو. مولانا صاحب سان اها ڳالهہ ڪيم تہ چوڻ لڳو تہ توهين مون کي ائين ئي سڏائي وٺو ها. رات جو ٽين بجي ڪلمو پڙهائڻ لاءِ گرفتار ڇو ڪيوَ؟ آئون ڪهڙي زبان سان مالڪ سائينءَ جو شڪر ادا ڪريان !

سوال : ان کان پوءِ موٽلا جي جو ڇا ٿيو؟

جواب : اخبارن ۾ مولانا صاحب جي گرفتاري جي خبر ڇپجي وئي. فونن تي فون اچڻ شروع ٿي ويا موٽلا جي ۽ انسپيڪٽر جا ٽرانسفر ٿيا. تقريبا سڄو ٿاڻو بدلي ٿيو. منهنجي بہ ٽرانسفر ٿي وئي. موٽلا صاحب پنهنجو سامان کڻڻ لاءِ آيو تہ آئون ساڻس ملڻ لاءِ ويس. چوڻ لڳو. " ڇا مولانا صاحب جي منهن مان ڏوهہ ظاهر ٿيو پئي؟ آئون بيان نٿو ڪري سگهان. مون تي ڄڻ وڄ ڪري پئي. دل مان آواز آيو " تو ڪهڙي ماڻهوءَ ( وڏي ماڻهوءَ ) تي هٿ وڌو هو ۽ وري آفيسرن جي دٻاءُ کان بچڻ لاءِ تو مولانا صاحب جو نالو ايف آءِ آر ۾ بہ لکي ڇڏيو تہ مولانا صاحب کي سڄي معاملي جو علم هو. منهنجي اندر مان آواز آيو تہ بنواري لال اها ڇوڪريءَ تہ مسلمان ٿي پر اسان سڀني کي مسلمان ٿيڻو پوندو " مون کيس مولانا صاحب جو لکيل ڪتابڙو " توهان جي امانت" بہ ڏنو . ڪجهہ ڏينهن کان پوءِ هن جو فون آيو تہ اسلام جي تعارف تي ڪو بيو ڪتاب بہ وٺي موڪل .

سوال : پوءِ توهان اسلام جي وڌيڪ تعليم لاءِ ڇا ڪيو؟

جواب : سڀ کان اڳ مولانا صاحب جي ڳالهہ جي جاچ وٺڻ لاءِ هڪڙي ڏينهن جي موڪل ورتيم ۽ ڏوتي پائي، تلڪ لڳائي، دهليءَ جي جامع مسجد ۾ اندر هليو ويس .

ان وقت يارنهن ٿي رهيا هئا. نماز جو وقت پڇيم تہ ماڻهن ٻڌايو تہ اڄا اڍائي ڪلاڪ کن آهن جماعت ٿيڻ ۾. باقي اڪيلي نماز جڏهن بہ دل چوي پڙهي سگهو ٿا. آئون امام صاحب جي بلڪل پويان واري جاءِ تي ويهي

رهيس، ڪلاڪ کن کان پوءِ اذان ٿي. ماڻهن مون کي چيو تہ نماز ٿيڻ واري آهي توهين ٿوري دير لاءِ هتان ٻئي پاسي هليا وڃو، مون چيو تہ آئون چمار گر گلو آهيان هندو مذهب وارا مون کي مندر ۾ وڃڻ نٿا ڏين، اڄ مسجد ڏسڻ آيو آهيان. اذان ڏيڻ واري ميان جي جو مصلو وڇايل هو ان کي انهن کڻي چنبي وري وڇايو ۽ مون کي چيائون تہ هتي ويهو. مون امام صاحب جي پويان نماز پڙهي، ماڻهن کي خبر پئي تہ آئون چمار گرگلو آهيان تہ ڏاڍا خوش ٿيا. گهڻا ماڻهو مون سان ڀاڪر پائي مليا، ان وقت مون کي اسلام جي مچائي تي پورو پورو يقين ٿي ويو. پوءِ آئون گهر آيس ۽ سيني گهر وارن کي ٻڌايم، سڀ خوش ٿيا، ۽ مون ڦلت ۾ مولانا صاحب کان وقت وٺي چئني ٻارن ۽ گهر واريءَ کي ڪلمو پڙهايو.

سوال : توهان جي خاندان وارن مخالفت ڪا نہ ڪئي؟

جواب : اسان جا ڪي مائٽ مظفرنگر ۾ رهن ٿا، پر اسان جو انهن سان واسطو گهڻو ڪونهي، پر من کي پڪ آهي تہ جڏهن ڪين سچائيءَ جي خبر پوندي تہ هو مخالفت جي بدران اسلام جي ڇانو ۾ اچي بيحد خوش ٿيندا، آئون پاڻ بہ ائين ئي محسوس ڪريان ٿو ڄڻ مون کي ڦاهيءَ کان آزادي ملي آهي.

سوال : دين سکڻ لاءِ توهان ڇا ڇا ڪيو؟

جواب مون مولانا صاحب سان ڳالهايو آهي، انشاء الله جلد ئي موڪل وٺي چار مهينا ڪنهن مدرسي ۾ اسلام جون ڳالهيون پڙهندس، نالو بدلائڻ لاءِ درخواست ڏئي ڇڏي اٿم، مون ڪتاب پڙهڻ بہ شروع ڪري ڇڏيا آهن. مولانا صاحب مون کي پنجاهہ ڪتابن جي فهرست ٺاهي ڏني آهي، جيڪي هنديءَ ۾ ملن ٿا، انهن مان پنجويهہ مون ورتا آهن سٺ سٺ ڪري پڙهان پيو. هر سٺ پڙهڻ تي مالڪ آڏو شڪر ادا ڪندي سجدي ڪرڻ لاءِ دل چوي ٿي.

سوال : ارمغان رسالو پڙهندڙن لاءِ ڪو پيغام ڏيندا ؟

جواب : مولانا صاحب، آئون اڃان تہ عمر ۾ ٻار آهن. منهنجي عمر ڏهہ مهينا مس ٿي آهي، ڏهن مهينن جو ٻار ڇا ٿو چئي سگهي؟ رڳو هڪڙي ڳالهہ



سوچيان ٿو تہ دنيا ۾ اڄ اٽڪل ٻہ ارب، نہ تہ بہ گهٽ ۾ گهٽ ڏيڍ ارب دلت، ڪاراءِ بيڪ ورڊ ڏتڙيل راوڙيا لوڪ موجود آهن. انهن جي ڏکن ڏاکڙن جو علاج فقط اسلام آهي. اسلام انهن کي مظلوميت کان بچائي سگهي ٿو. جيڪڏهن مسلمان انهن کي انصاف ۽ برابريءَ جو احساس ڏيارين ۽ اسلام جو تعارف پنهنجي اخلاق سان ڪرائين تہ اهي سيئي اسلام قبول ڪري وٺندا_ ۽ اهي سيئي ڇچريل ڇيپاٽيل سماج جا ماڻهو اونچ نيچ جي ظلم کان بچي مون وانگر محسوس ڪندا تہ ڪين ڦاهي کان خلاصي ملي آهي. تنهنڪري ٻن ارب انسانن تي مسلمان ضرور ڪهل ڪن.

سوال : توهان پنهنجو اسلامي نالو ڪو نہ ٻڌايو؟

جواب : مولانا صاحب منهنجو نالو محمد سلمان رکيو آهي، اهو مون کي ڏاڍو وڻي ٿو.

سوال : وڏي مهرباني سلمان صاحب توهان کي تہ پوڳن ۾ ئي هدايت نصيب ٿي وئي.

جواب : توهان جي بہ وڏي مهرباني  توهان چئو ٿا تہ، مون کي اسلام پوڳن ۾ مليو آهي، پر منهنجي الله مون تي ڪرم ڪري هڪڙي مهمان داعيءَ جي عزت داءَ تي لڳائي ڪيس مون لاءِ گرفتار ڪري مون ڏانهن موڪليو. مون کي بيحد خوشي آهي تہ دنيا جا ماڻهو اسان کي نيچ سمجهن ٿا، پلي سمجهن، پر اسان جو مالڪ تہ اسان سان پيار ڪري ٿو. مولانا صاحب پاڻ چيو پئي تہ ڪلمو پڙهائڻ کان پوءِ مون کي موٽلا صاحب لاءِ اهڙي طرح گرفتار ڪرڻ تي ڪاوڙ جي بدران پيار محسوس ٿيو. دل ۾ خيال آيو ۽ الله سائينءَ کان دعا بہ گهريم تہ اي منهنجا الله، هڪڙي ماڻهوءَ جي ايمان آڻڻ جي عيوض جيڪڏهن مون کي ڪي ورهيہ جيل ۾ رهڻو پوي تہ بہ مون کي قبول آهي، هتي تہ هڪڙي خاندان جو اسلام تي اچڻ، ٿورن ڪلاڪن جي عيوض هو. تمام سستو سودو آهي.

سوال : هڪڙي ڳالهہ رهجي وئي، توهان پنهنجي خاندان بابت ڇا سوچيو آهي توهان کي ان سلسلي ۾ ڪم ڪرڻ گهرجي چو تہ هاڻي توهين مسلمان آهيو.؟

جواب : اهو بلڪل سچ آهي. مولانا صاحب هر ملاقات ۾ ان تي زور ڏيندا آهن. مون ﺑﮧ ڪتابڙا، هڪڙو ” توهان جي امانت“ ۽ ٻيو ”امبيدڪر ۽ اسلام“ هڪ هڪ هزار جي تعداد ۾ ڇپارايا آهن. اميد اٿم ﺗﮧ جي هزارين ﻧﮧ، ﺗﮧ ﺑﮧ سوين ماڻهو اسان جي سماج جا، اونچ نيچ جي ظلم ۽ ڦاهي ڪان پاڻ ڇڏائي اسلام ۾ ايندا. توهين ﺑﮧ دعا ڪريو مون کي اسلام بابت پڙهڻو آهي، قرآن پاڪ پڙهڻ شروع ڪيو اٿم.



علي اڪبر راهمون

# جديد دور ۾

# تهذيبي ڇڪتاڻ ۽ ان جي سمجهاڻي

تهذيبن جي تصادم کي سمجهڻ واسطي پهرين عقيدي ۽ تهذيب ٻنهي جو گڏيل بحث ڪرڻ ضروري آهي، عقيدي ۽ تهذيب جي وچ ۾ تعلق ۽ رشتو ٻج ۽ وڻ جو رشتو آهي، عقيدو ٻج آهي، تهذيب ان جو وڻ، جيڪو پهرين کان ئي ان ٻج ۾ موجود هوندو آهي ، پر ان جي اظهار لاء ساز گار ماحول ۽ حالتون گهربل هونديون آهن، ٻج ڦٽندو آهي، ٻوٽو ٿيندو آهي، پوءِ اهو وڏي وڏو وڻ ٿيندو آهي. ڇئبو ﺗﮧ ٻج اجمال ۽ وڻ ان جو تفصيل آهي. ٻج وحدت ۽ وڻ ان جي ڪثرت آهي، وڻ جون چار خاصيتون ٿينديون آهن، ٽڙ، ٽاريون، پن ۽ ميوو_ ظاهر آهي ﺗﮧ جهڙو ٻج، تهڙو ان مان وڻ ٿيندو. انب جي گٺلي مان انب جو وڻ، ڪجورجي ڪکڙي مان ڪجي جو وڻ ٿيندو. جڏهن ٻج مختلف قسم جا هوندا ﺗﮧ لازمي طرح انهن مان وڻ ٻوٽا ﺑﮧ ڌار ڌار قسم جا ٿيندا. پارکو ﺗﮧ ڏسڻ سان ئي ٻڌائي ڇڏيندا آهن ﺗﮧ هن ٻج مان ڪهڙو وڻ ۽ ميوو ٿيندو.

هن پسمنظر ۾ ڏٺو وڃي ﺗﮧ تهذيبن جي سلسلي ۾ تميز ۽ فرق جي هيء صلاحيت سڀ کان اهم آهي. سماجي عملن جا ماهر ڄاڻن تا ﺗﮧ ڪهڙي تهذيب طاقتور ۽ ڪهڙي ڪمزور آهي، هن ۾ ڪو ﺑﮧ شڪ ناهي ﺗﮧ ٻج اوس وڻ ٿيڻو آهي، اها جدا ڳالهه آهي، ان لاءِ موسم ماحول ۽ حالتون ساز گار گهربل آهن. ۽ اها ﺑﮧ اسان کي خبر آهي ﺗﮧ هڪڙي زمين زرخيز ٿيندي آهي، جيڪا ذرو ﺑﮧ ٻج کي ضايع ﻧﮧ ڪندي آهي، ٻي زمين باجهه ٿيندي آهي، جيڪا ٻج کي ضايع ڪري ڇڏيندي آهي، يا ڪيئين سالن تائين ٻج ان ۾ ڍﭘﻴﻞ رهي سگهي ٿو. ساڳي حالت عقيدي ۽ تهذيب جي پڻ آهي. مولانا رومي فرمائي ٿو، ﺗﮧ مصلحت در دين عيسيٰ غار و ڪوه مصلحت در دين ما جنگ

وشکوہ يعني، عيسيٰ جي دين جي مصلحت ترڪ دنيا آهي، حضور اڪرم صلي الله عليہ وسلم جن جي دين جي مصلحت جهاد ۽ شان شوڪت جو اظهار آهي.

هاڻ زمين جي جڳھ تي انسان کي رکي سوچجي تہ چئبو اڄڪلھ جي ماڻهو ۾ عقيدو تہ موجود آهي، پر ان ۾ عقيدي جي ٻج جي ڦٽڻ ۽ وڌڻ ويجهڻ لاءِ موسمي ماحول ۽ حالتون سازگار ناهن. يا چئجي تہ ماڻهو ۾ عقيدو صرف رسم ۽ عبادت جي حد تائين محدود ٿي ويو آهي، عمل، معاملا، علم، فن سڀ ان جي فيض کان محروم ٿي ويا آهن. هڪڙو زمانو هو، جڏهن سماجي، سياسي علم، فلسفو ادب سائنس ۽ فن سڀ عقيدي جي فيض سان رنگيل هوندا هئا. حضرت عمر رضي الله عنہ جو قول آهي تہ انسان جا فعل ۽ ڪردار ئي ان جي سڃاڻپ آهن. نيت جو حال تہ خدا کي معلوم آهي. چئبو تہ تهذيب ۽ ثقافت جي اهميت هن ڪري آهي،جو اها دنيا ۾ اسان جي سڃاڻپ آهي. انسان، سوچ ۽ ڪردار جا جيڪي سانچا جوڙيندو آهي. تن مان ئي ڌار ڌار قوميتن ۽ تهذيبن جي ڄاڻ پوندي آهي.

هن ڏکهي تمهيد جو بحث جي موضوع سان تعلق هيءَ آهي تہ جديد دور ۾ مغربي تهذيب وارا چاهين ٿا تہ مسلمان پنهنجي عقيدي جا پلي پابند رهن، پر تهذيبي ۽ ثقافتي رنگ مغربي تهذيب جو قبولين، ڇاڪاڻ تہ کين ڄاڻ آهي تہ جنهن زمين ۾ ٻج ڦرڻ ۽ اپاڙڻ جي صلاحيت نہ هجي. جنهن عقيدي ۾ عمل ۽ ڪردار جي صورت وٺڻ جي صلاحيت نہ رهي، تہ اهڙو مذهبي ماڻهو ۽ عقيدو سندن تهذيب لاءِ چيلنج ناهي. مغربي تهذيب جا مهندار جيتوڻيڪ اسان جا عقيدا تہ بدلائي ڪونہ سگهيا، پر هو اسان کي پنهنجن عقيدن سان واستگي ۽ تعلق ۾ ڪمزور ڪرڻ ۽ ثقافتي زندگي تي وڏو اثر وجهڻ ۾ ڪامياب آهن. هن پسمنظر ۾ ڏنو وڃي تہ اسان لاءِ هيءَ سوچڻ ويچارڻ جي گهڙي آهي، تہ اهڙي صورتحال ۾ اسان کي گهٽ ۾ گهٽ ڇا ڪرڻ گهرجي؟ فڪرمندي جو اهڙو اظهار علامہ اقبال بہ ڪيو هو تہ:



تجھے کتاب سے ممکن نہیں فراغ کہ تو
کتاب خواں ہے مگر صاحب کتاب نہیں

تهذيبن جي تصادم واري صورتحال جو گهري نظر سان جائزو وٺبو تہ معلوم ٿيندو اسلامي تهذيب هجي يا مغربي تهذيب، هندو يهودي عيسائي تهذيب، سڀني تهذيبن جون چار نظرياتي ۽ فڪري خاصيتون اهڙيون آهن، جن کي ڪنهن بہ تهذيب ۾ نظر انداز نٿو ڪري سگهجي.

هڪ الاهيات جو تصور _ جيڪي قومون ڪنهن نہ ڪنهن صورت ۾ خدا کي مڃين ٿيون. چئبو تہ اهي ڪو هڪڙو عقيدو ضرور رکن ٿيون، جيڪي قومون ڪلم ڪلا خدا جون انڪاري آهن، سي بہ ڪو نہ ڪو عقيدو آدرش ۽ نظريو رکن ٿيون. حاصل مطلب تہ هر تهذيب جو پهريون اصول الهيات آهي.

جيتوڻيڪ مختلف تهذيبن وٽ خدا جا مختلف تصور ۽ نالا آهن. اهڙي طرح جديد دور ۾ خدا جي انڪاري جديد مغربي تهذيب "مادي" کي مقدس خدا جو درجو ڏنو آهي. مادي ۾ خدا جون سڀ صفتون مڃيون آهن. انڪري چئبو تہ مادو مغربي تهذيب وارن جو نئون خدا آهي، علمي ٻولي ۾ چئبو آهي تہ اسلام جو بنيادي اصول مابعد الطبعيات يا روحانيت آهي، جڏهن تہ جديد مغربي تهذيب جو بنيادي اصول طبعيات يا ماديت آهي، تنهنڪري چئبو آهي تہ اسلامي تهذيب ۽ مغربي تهذيب ٻن ڪنارن تي بيٺل آهن، ٻنهي جي وچ ۾ زمين آسمان جو فرق آهي، جن جو گڏجڻ محال آهي.

ٻيو اصول تهذيب جو "علم جو تصور" آهي. دنيا جون سڀئي تهذيبون يقين ۽ ايمان جي ڏس ۾ ڪو نہ ڪو تصور ۽ شعور ضرور رکن ٿيون. صحيح ۽ غلط جو معيار، ناقص ۽ ڪامل جي ڪسوٽي کي ضرور مڃين ٿيون. هن اصول جي روشني ۾ بنيادي نوعيت جو سوال هيءَ آهي تہ يقيني علم جو سرچشمو ڪهڙو آهي هن ڏس ۾ اسلامي تهذيب وٽ يقيني علم جو

سرچشمو وحي آهي. جڏهن تہ مغربي تهذيب وٽ سائنس آهي. ذرا غور ڪريو ڇا اهو فرق گهٽ آهي؟ جديد تهذيب وارا چون ٿا تہ تجربي ۽ مشاهدي کان ٻاهر جو ڪجھہ آهي، سو سڀ خواب، خيال ۽ افسانو آهي.اسلامي تهذيب جا عالم چون ٿا تہ جو ڪجھہ نظر نٿو اچي سوئي ”اصل“ آهي.

ٽيون اصول تهذيب جو ” مؤثر سبب آهي، آسان زبان ۾ چئبو تہ زندگي ( ڪائنات ) ڪيئين وجود ۾ آئي ؟ هن سوال جو جواب اسلام جي تعليم ۾ آهي تہ الله تعالىٰ ” ڪن “ چيو ڪائنات هڪدم وجود ۾ اچي ويئي، جنهن کي عالمي زبان ۾ ” تخليق جو نظريو “ چئجي ٿو. جديد تهذيب وارا ڏاڪي بہ ڏاڪي ترقي ڪندي موجوده صورت کي پهتا آهن. جنهن کي فلسفي جي اصطلاح ۾ ڊارون جي ٿيو ري يا ارتقاء جي ٿيوري چيو ويندو آهي.

چوٿون اصول تهذيب جو ” نصب العين آهي، تهذيبن جي تاريخ ۾ اهڙيون ڪيئين شاهديون دستياب آهن. جن مان صاف ظاهر آهي تہ هر دور جي تهذيب جو ڪو هڪڙو خاص تصور ضرور رهيو آهي. هر تهذيب جو فرد هميشہ سوچ ويچار ڪندو رهيو آهي تہ دنيا واري درد ڀري زندگي ۾ جدوجهد جو آخر حاصل ڇا آهي؟ يعني ڪاميابي ۽ ناڪامي جو معيار ڇا آهي. جڏهن تہ هن جي مقابلي ۾ مغربي تهذيب ترقي جو تصور ڏنو آهي. هتي هڪڙي اهم ڳالھہ تہ ڪجھ ماڻهو چوندا آهن تہ. اسلام مادي ترقي جو مخالف ناهي. بيشڪ اها ڳالھہ ٺيڪ آهي، مڃون ٿا تہ اسلام مادي ترقي جو مخالف ناهي، پر اسلام مادي ترقي کي نصب العين بہ قرار نہ ٿو ڏيئي. سماجي علمن جي هن دور جي هاڪاري عالم“ آرنلڊ ٽوائن بي“ هن موضوع تي پنهنجن خيالن جو اظهار هن طرح ڪيو آهي، تہ مادي ترقي ۽ اخلاقي زوال جو هڪ ٻئي سان خاص تعلق آهي. جڏهن بہ ڪا تهذيب ترقي جي لحاظ کان ترقي ڪندي آهي، تہ ٻئي پاسي اخلاقي ڏيوالي سان پڻ همڪنار ٿيندي آهي.



هن ڳالھہ کي نظر ۾ رکي ” ٽوائن بي “ جديد مغربي تهذيب کي تباهي کان بچائڻ لاءِ صلاح ڏني آهي تہ مغربي تهذيب، روحانيت کي هر حال ۾ پنهنجي زندگي ۾ داخل ڪري، ڀيو تہ هو ٽيڪنالوجي جي عشق کان پنهنجي جند آجي ڪرائي، ٻي صورت ۾ ٽيڪنالوجي هن تهذيب لاءِ موت جو پيغام ثابت ٿيندي .

ہے دل کے لیئے موت مشینوں کی حکومت
احساس مروت کو کچل دیتے ہیں آلات

تهذيب جي ٽڪراء ۾ تهذيب جي اهميت جو بحث هڪ وڏو تاريخي پسمنظر رکي ٿو انساني فڪري تاريخ ۾ تصورن ۽ نظرين جي ڪا ڪمي ناهي، مغربي فلسفو يونانين کان ورثي آهي. يوناني مفڪرن ۾ افلاطون جي اهميت کان ڪنهن کي بہ انڪار ناهي. افلاطون هڪڙي مثالي رياست جو خاڪو ڏنو. تاريخ ثابت ڪيو آهي تہ اهو خاڪو محض خاڪو ئي رهيو. ڪڏهن بہ ان تي عمل نہ ٿيو، نہ تجربو ٿيو. اهڙيطرح تاريخ جي سفر ۾ اهو خاڪو هڪ ” فڪري ممي“ بنجي ويو. پوئين دور ۾ هڪ هاڪارو فسلفي سر ٿايس مور تي گذريو آهي، جنهن مثال رياست جو خاڪو ڏنو جيڪو تاريخ ۾ هڪ مذاق بنجي ويو. مغربي دنيا ۾ انهن بلند نظرين ۽ تصورن تي بحث ۽ تحقيق جو ڪم ڪيترو بہ ٿيو هجي، پر انهن کان جديد تهذيب يا رياست کي ڪو خوف خطرو محسوس ڪونہ ٿيو. جڏهن تہ افلاطون جي ”جمهوريہ “ ۾ اهڙا عوامي ۽ حقيقي جمهوري اصول موجود آهن. جيڪڏهن انهن تي عمل ٿئي ها تہ جديد رياست ۽ تهذيب کي پنهنجو وجود برقرار رکڻ ڏکيو ٿي پوي ها.

دنيا جون سموريون تهذيبون پنهنجا پنهنجا نظريا ۽ تصور ڏيئي ويون آهن. انهن مان هڪ وڏي تهذيب هندو ڌرم آهي. ان وٽ زندگي جو هڪ پورو تصور موجود آهي، جيڪو ” جمهوريہ “ ۽ ” يوٽوپيا“ وانگر فڪري ممي بہ ناهي، ۽ هن پنهنجي هڪ غير معمولي تهذيب پڻ پيدا ڪري ڏيکاري،

جيڪا اجان تائين زنده ۽ جاري آهي، پر جديد مغربي تهذيب جو هندو تهذيب سان ڪنهن به قسم جو ٽڪراء ناهي. ڇو ته هندو تهذيب، مغربي تهذيب جي بالادستي قبولي ورتي آهي.

هن پنهنجي تهذيب جي بنيادي تصورن ۽ اصولن جي بنياد تي تهذيبي تجربي کي اڳتي وڌائڻ جو اصرار ترڪ ڪري ڇڏيو آهي. نتيجي طور گذريل ڏيڍ سئو سال کان اولهه وارن هندو تهذيب جي مختلف سانچن ۽ تصورن کي قبولڻ ۽ اڳتي وڌائڻ ۾ ڪنهن به قسم جي بخل ۽ تعصب کان ڪم نه ورتو آهي. هندو ازم جي مجرد روحانيت، مغرب ۾ اڄ به مقبول آهي، سموري مغربي دنيا ۾ يوگا سکي سيکاري وڃي ٿي. ڇا ڪاڻ ته يوگا، هندو تهذيب جو هڪ معمولي جزو آهي، جيڪو پنهنجي ڪل کان ڌار ٿي ڪري پنهنجي سڃاڻپ وڃائي چڪو آهي. جڏهن ته هندو ڌرم ۾ يوگا جو تصور در حقيقت هڪ روحاني تصور آهي.

ٻڌ ڌرم، تاؤ ازم ۽ شنشو ازم جا تاريخي مثال به اسان جي سامهون آهن. اهي سڀ پنهنجي جڳهه تي وڏيون تهذيبون آهن، پر مجموعي طرح سان سڀ مئل تهذيبون آهن. تاريخ جي شوڪيس ۾رکيل تهذيبي مميون آهن. البت انهن جا ڪجهه طور طريقا ۽ رواج ضرور باقي رهجي ويا آهن. جيڪي پنهنجو اصلي چهرو مسخ ڪري چڪا آهن. هاڻ سڃاڻپ ۾ ڪونه ٿا اچن، انڪري مغرب وارن کي انهن سان ڪو سروڪار يا ڪو خطرو ناهي.

باقي رهي حاضر دور ۾ دنيا جي سڀ کان وڏي تهذيب اسلامي تهذيب، جنهن جو روايتون، ڪردار ۽ عقيدا سڌو مغربي تهذيب وارن جي نشاني تي آهن، ۽ انهن سان سخت ٽڪراء جي حالت ۾ آهن، هڪڙي ڳالهه ڌيان ۾ رکڻ جوڳي آهي ته مغرب وارن کي صوفي ازم سان ڪو به عناد ناهي، ايستائين جو هو چوندا آهن، ته اصل اسلام ته آهي ئي صوفي ازم، جڏهن مغربي فڪر وارا اهڙي راء ڏيندا آهن ته هو شريعت ۽ طريقت ۽ تصوف کي ڌار ڌار رخانن



۾ رکي ڏسندا آهن، جيڪا هڪ سوچي سمجهي سازش پڻ آهي، ڇاڪاڻ ته در حقيقت شريعت ۽ طريقت لازم ملزوم آهن. جڏهن ته مغربي مفڪرن جي نيت آهي ته انهن ٻنهي کي ڌار ڪري، صرف تصوف کي اسلام باور ڪرائجي ۽ فروغ ڏجي، ته جيئن اسلام جي کاتي ۾ محض مجرد روحانيت باقي رهجي وڃي ۽ مسلمان هڪ همه گير تهذيب، سيرت پاڪ ۽ شريعت کي فروغ ڏيڻ جو مطالبو ترڪ ڪري ڇڏين، عملي قدر نرم آهي. اهڙا مسلمان جيڪي نمازون روزا ۽ ٻيا ظاهري عمل ترڪ ڪري، پنهنجي اٿٽي ويهٽي مغرب وارن جهڙي بنائي وٺن، انهن کي مغرب وارا لبرل ۽ روشن خيال مسلمان جهڙن القابن سان نوازيندا آهن. پر جيڪڏهن ڪير چوي ته اسلامي تصوف ۾ شريعت ۽ طريقت الڳ الڳ ناهن، طريقت کي هر حال ۾ شريعت جو پابند رهڻو آهي، ته اهڙو مسلمان مغرب وارن جي نظر ۾ بنياد پرست، انتها پسند ۽ دهشت گرد آهي. مطلب ته جيڪا تهذيب مجرد عقيدا ۽ اصول رکي، عمل تي زور نه ڏيئي، ته اهڙي تهذيب مغرب وارن وٽ قبوليت جوڳي آهي. ان سان مغرب وارن کي ڪو به سروڪار يا خوف خطرو ناهي، پر جيڪڏهن ڪا تهذيب ڪليت تي اصرار ڪندي، عقيدي سان گڏ عمل تي به اصرار ٿي ڪري ته اهڙي تهذيب انهن وٽ سندن مفادن جي خلاف ۽ سنئون سڌو ٽڪراء ۾ ٿي نظر اچي.

اسلامي تهذيب سان مغربي تهذيب جو جهيڙو پراڻو آهي. امام غزالي رحمة الله عليه جي دور ۾ اهو جهيڙو الف کان ي تائين موجود هو. صليبي جنگين دوران پنهنجي پوري چوٽ تي هو. نو آبادياتي دور ۾ به پوري طاقت سان هو. اڄ به ٻنهي تهذيبن جو تصادم الف کان وٺي ي تائين موجود آهي. اڄ ته الٽو مغربي دنيا ۾ توهين رسالت جي شرمناڪ وارداتن سان ٻنهي تهذيبن جي وچ ۾ ويڇا ۽ نفرتون ويترو وڌي چڪيون آهن.پهرين ته مغرب وارن جا صرف افغاني مسلمان نشانو بڻيا، پر هاڻ ته دنيا جا مڙئي مسلمان مغرب وارن جي نظر ۾ مشڪوڪ ۽ دهشت گرد آهن. ايستائين جو مسلمانن

جي دستار ۽ برقعي ۾ بہ انهن کي بم هٿيار لڪيل ٿا نظر اچن. اج اهو ٽڪراء ۽ جهيڙو عالمگير حقيقت جو روپ وٺي چڪو آهي. مغربي سامراج صدين کان وٺي مسلمانن کي نفرت، دشمني ۽ ظلم جو نشانو بنائيندو رهيو آهي، پر هاڻي تہ هڪ قدم اڳتي وڌي مسلمانن جي ايمان، عقيدن ۽ تهذيبي بنيادن تي حملا ڪرڻ شروع ڪري ڇڏيا اٿن.

حاصل ڪلام تہ هر هڪ تهذيب جو بنياد عقيدي تي هوندو آهي. عقيدو جڏهن فڪر ۽ عمل جي صورت اختيار ڪندو آهي تہ فڪر ۽ عمل جون ظاهري صورتن کي تهذيبون ڪوٺبيون آهن. هن جديد مغربي تهذيب کان پهرين دنيا ۾ جيتريون بہ تهذيبون آيون، سي سڀ پنهنجي پنهنجي حساب سان مذهبي هيون. فقط هڪڙي مغربي تهذيب آهي، جيڪا نهن کان وٺي چوٽيءَ تائين پوري طرح هڪ مادي تهذيب آهي، انڪري هن تهذيب جي عمل ۽ فڪر جا سانچا ۽ صورتون بہ ٻين تهذيبن کان بلڪل مختلف آهن. سمورين تهذيبن جي دعوىٰ آهي تہ سماجي زندگي ۽ روايتون ۽ رسمون رواج عقيدن مان جنم وٺندا آهن، پر واحد مغربي تهذيب جو اصرار آهي تہ عقيدا خود تهذيب ۽ روايتن جي پيداوار آهن.

جديد مغربي تهذيب، جيتوڻيڪ هڪ مادي تهذيب آهي. پر هن جا بہ ڪجهہ عقيدا آهن. جيڪي عرف عام ۾ آدرش ۽ نظريا ڪوٺبا آهن. عقيدا پنهنجي اصل ۾ ڪشش ۽ پاڻ سان انسان جي شديد لڳاءَ جي بنياد تي سڃاتا ويندا آهن. اهڙي طرح مغربي تهذيب وٽ ” سرمايو “ ۽ جمهوريت“ اهڙا عقيدا آهن. جن بابت ڪا شڪايت ٻڌي سگهجي ٿي، نہ وري انهن جي شان ۾ ڪا گستاخي برداشت ڪري سگهجي ٿي. انهن کي چيلينج ڪندڙ يا انهن تي تنقيد ڪندڙ ” سيڪيولر ڪفر “ ۽ ” لبرل شرڪ “ جو مرتڪب ۽ مجرم قرار ڏنو ويندو آهي ۽ ان کي سيڪيولرازم کان مرتد ٺيرڻ جي سزا جو مستحق سمجهبو آهي.



تهذيبن جي تصادم ۽ ٽڪراء جي فصيح بليغ اصطلاح کي سمجهڻ کو ايترو آسان ڪم بہ ناهي، اها هر ڪنهن جي وس جي ڳالهہ ناهي، درحقيقت هن تهذيبي ٽڪراء کي سمجهڻ واسطي اٽ ڪتابن جا پڙهڻا پوندا، پورا ڪتب خانا هضم ڪرڻا پوندا. مغربي ۽ اسلامي تهذيبن جي ٽڪراء کي سمجهڻ واسطي هڪ خاص نصاب مطالعي ڪرڻ جي ضرورت آهي جنهن جي هڪڙي مختصر فهرست هن ريت آهي.

1 تهافت الفلاسفہ هيءُ ڪتاب امام غزالي رحمت الله عليہ جي تصنيف آهي. هن ۾ يوناني فلسفي جي اثر هيٺ آيل مسلمان عالمن جي فڪر جو جائزو ورتل آهي، ۽ انهن کي ڪافي شافي جواب پڻ ڏنل آهي. هن ڪتاب ۾ اسلامي ۽ يوناني تهذيبن جي فرق کي چڱي ريت واضح ڪيو ويو آهي.

2 تهافت النهايہ_ هيءُ ڪتاب ابن رشد جي تصنيف آهي.

3 مڪتوبات امام رباني، جنهن ۾ اسلامي ۽ غير اسلامي تهذيبن جي فرق کي چڱي طرح کولي سمجهايو ويو آهي.

4 علامہ اقبال جي اردو شاعري ۽ خطبات.

5 اسلامي تهذيب جا اصول ۽ مبادي.

6 الجهاد في الاسلام، هن کان سواءِ ڪتاب جديديت يعني مغربي فڪر جي گمراهين جو خاڪو سر سيد احمد خان جو نظريہ فطرت، افڪار سرسيد، فرانس جي نو مسلم مفڪر جنهن جو اسلامي نالو شيخ عبدالوحيد عيسىٰ آهي. سندس تهذيبن جي تجزيي ۽ تاريخ جي موضوع تي لکيل ڪتابن جو مطالعو نهايت مفيد آهي.

سنڌيڪار: عبدالهادي ٽيپو

# عائشہ ديدي (اڳوڻي بلوندر ڪؤر)

اسماء: السلام عليڪم

عائشہ : وعليڪم السلام

سوال : عائشہ ديدي هتان ڦلت مان اسان جو هڪڙو ميگزين ارمغان نالي نڪري ٿو، بابا سائين مون کي فرمايو تہ اوهان هتي آيا آهيو تہ آئون توهان جو انٽريو وٺان .

جواب : هائو، ارمغان هي رسالي جي مون کي خبر آهي.

سوال : سڀ کان اڳ توهان پنهنجو خانداني پريچي ( تعارف ) ڪرايو؟

جواب : آئون ضلعي فيروز پور پنجاب ( انڊيا ) جي هڪڙي ڳوٺ ۾ رهندڙ سيک گهراڻي ۾ 3 جون 1968ع تي پيدا ٿي هيس منهنجو پتاجي شري فتح سنگهہ علائقي جي پڙهيل ڳڙهيل ۽ زميندار گهراڻي جو ماڻهو هو. هن منهنجو نالو بلوندر ڪؤر رکيو. مون پرائمري ۽ مئٽرڪ ڪرڻ کان پوءِ پنهنجي شهر جي گروگووندہ سنگهہ ڪاليج مان گريجويشن ڪئي. منهنجي شادي حالنڌر شهر جي هڪڙي تعليم يافتہ خاندان ۾ ٿي وئي.منهنجو گهر وارو ان وقت پوليس ۾ ايس او هو. سندس بهادري ۽ سٺي ڪارڪردگيءَ ڪيس پروموشن مليا ۽ هو ڊي ايس پي ٿي ويو، منهنجا بہ پٽ ۽ هڪڙي ڌيءَ آهي ۽ ٽيئي پڙهن پيا.

سوال : پنهنجي مسلمان ٿيڻ جو احوال ٻڌايو؟

جواب : منهنجي هڪڙي ننڍي ڀيڻ آشا ڪؤر هئي، سندس شادي بہ بابا سائين، هڪڙي پوليس ٿاڻي جي انچارج سان ڪرائي ڇڏي هئي، هوءَ منهن مهانڊي ۾ ڏاڍي سهڻي هئي، سندس گهر وارو بہ کيس ڏاڍو پيائيندو هو.



شاديءَ کان پوءِ هوءَ اڪثر بيمار رهندي هئي. روز روز ڪو نہ ڪو مسئلو ٿيندو رهندو هو. علاج ڪرائڻ سان ٿورا ڏينهن چاق ٿي ويندي هئي، پر وري بيمار ٿي ويندي هئي. سندس گهر واري دهليءَ تائين بہ سندس علاج ڪرايو ۽ لکين روپيا خرچ ڪري ڇڏيائين، پر ڪو خاص فائدو ٿي ڪونہ سگهيو. مجبور ٿي اسان ٽوٽا ڦيٽا ڪندڙن کي ڏيکاريو. ڪن چيو تہ هن تي جن جو اثر آهي تنهنڪري دوا اثر نٿي ڪري وغيره وغيره ڪنهن ڏس ڏنو تہ ماليرڪوٽلا ۾ ڪا مائي آهي سان روحاني علاج ڪري ٿي، اسان آشا کي اوڏانهن موڪليو. ان مائيءَ آشا تي ڦيٽا شوڪارا وڌا تہ هن کي ڏاڍو آرام آيو. پر هن مائيءَ آشا کي چيو تہ، تون ٻن چئن ڏينهن جي تڪليف نٿي سگهي سگهين، تہ دوزخ جي هميشہ جي تڪليف ڪئين سهي سگهندئين؟ تنهنڪري ان تڪليف جو اونو ڪر ۽ ان جو علاج هي آهي تہ تون مسلمان ٿي وڃ، ۽ جيڪڏهن تون مسلمان ٿي ويئين تہ اميد اٿم تہ تون هتي بہ ٺيڪ ٿي ويندئين، آئون توهان کي پنهنجي حضرت ڏانهن موڪلينديس، هو دعا ڪندو تہ مون کي اميد آهي تہ الله تعاليٰ توهان کي ضرور ٺيڪ ڪري ڇڏيندو. آشا هن کي چيو تہ آئون پنهنجي مڙس سان صلاح ڪريان. هن آشا کي چيو تہ ايمان آڻڻ ايڏو تہ ضروري آهي جو ان ۾ مڙس سان مشورو يا اجازت وٺڻ جي بہ ضورت نہ آهي، پر جيڪڏهن مڙس مخالفت ڪري، يا ان ڳالهہ تي ماري يا ڇڏي تہ بہ اسان جي ڀلائي ان ۾ آهي تہ هو ايمان قبول ڪري وٺي تہ جيئن پنهنجي پيدا ڪندڙ مالڪ کي راضي ڪري هميشہ جي جنت حاصل ڪري سگهي. آشا چيو تہ پوءِ بہ گهر وارن سان مشهورو ڪرڻ سوچڻ سمجهڻ ضروري آهي. هن چيو تہ توهين جلد مشورو ڪري اچو تہ توهان کي آئون ڪلمو پڙهائي پنهنجي حضرت ڏانهن موڪليان، آشا اتان موٽي پٽنڊا آئي ۽ پنهنجي مڙس کي چيائين تہ مون کي تمام گهڻو آرام آيو آهي، پر باجي چوي ٿي تہ جيڪڏهن تون مسلمان ٿي ويندئين تہ بلڪل ٺيڪ ٿي ويندئين، هن جو گهر وارو هن کي ڏاڍو پيائيندو هو، چوڻ لڳو تہ تون ڪجهہ بہ

ڪر يا ڪجھ بہ ٿي، پر نيڪ ٿي وڃ. مون کي خوشي ٿي خوشي آهي. هن فون باجيءَ سان ڳالهايو تہ هن حضرت ڏانهن وڃڻ جو پتو ٻڌايو آشا چيو تہ آئون هن وٽ وڃي ٿي مسلمان ٿين چاهيان ٿي. باجي هن کي حضرت جو فون نمبر ڏنو. 25 مئي 2004 ع تي صبح سان ٿي آشا، حضرت صاحب ( مولانا محمد ڪليم صاحب ) کي فون ڪيو. آشا مون کي ٻڌايو تہ مون حضرت کي چيو تہ آئون اسلام وٺڻ لاءِ توهان وٽ اچڻ چاهيان ٿي، مون سان نہ منهنجو گهر وارو ، نہ ڪو ٻارڙو، گهر جو ڪو بہ ڀاتي مسلمان ڪو نہ ٿيندو، فقط آئون هڪڙي مسلمان ٿيندس. مولانا صاحب جي پڇڻ تي آشا هن کي مالير ڪوٽلا واري باجيءَ سان جيڪي ڳالهيون ٿيون سي سڀ ٻڌايون. حضرت صاحب، آشا کي چيو تہ توهان باجيءَ وٽ ٿي ڪلمو پڙهي مسلمان ڇو نہ ٿيا؟

آشا وڏو زور ڏيئي چيو تہ مون کي ڪلمو توهان وٽ ٿي اچي پڙهڻو آهي. مولانا صاحب چيو تہ مون وٽ ٿي پڙهڻو آهي تہ هيئنر ٿي فون تي پڙهو. آشا چيو تہ نہ آئون توهان وٽ اچي اڳيان ڪلمو ٻيهي پڙهنديس مولانا صاحب، چيو تہ ادي موت زندگيءَ تي ڪو بہ ڀروسو ڪونهي توهان بيمار آهيو چڱي ڀلي ماڻهوءَ جي ساهہ تي بہ اطمينان ڪونهي تہ ٻيو ساهہ ورندو يا نہ، تنهن ڪري ڪلمو فون تي پڙهي ڇڏيو جڏهن مون وٽ اچو تہ ٻيهر نئين سر ڪلمو پڙهجو مولانا صاحب جي چوڻ تي آشا چيو تہ پڙهايو پر اصل ڪلمو تہ آئون توهان وٽ اچي ٿي پڙهنديس مولانا چيو تہ اصل تہ فون تي پڙهي ڇڏيو باقي نقل هتي اچي پڙهجو هوءَ تيار ٿي وئي، مولانا کيس ڪلمو پڙهايو ۽ اسلام جو بہ ٿي ضروري ڳالهيون سمجهايون ۽ چيائين تہ هاڻي توهان کي نماز ياد ڪرڻي آهي، ڪنهن بہ غير اسلامي رسم، پوڄا جي رسم کان بچجو. نالو پڇي مولانا کيس چيو تہ هاڻي توهان جو نالو آشا مان بدلائي عائشہ ٿيو آهي، هيءَ اسان جي رسول الله صلي الله عليہ وسلم جي گهر واريءَ جو نالو آهي. فون تي ٿيل ڳالهيون هن سيني گهروارن کي تمام خوشيءَ سان



ٻڌايون، پنهنجي مڙس کي بہ ٻڌايائين آئون بہ جالندڙ مان ساڻس ملڻ لاءِ آئي هيس، مون کي بہ ٻڌايائين جيتوڻيڪ ڏرم متاثر تي مون کي بہ اهي ڳالهيون چڱيون ڪونہ پئي لڳيون، پر هيءَ بيحد خوش هئي. مولانا صاحب سان فون تي ڳالهائي ڪلمو پڙهي خبر ناهي تہ هن ڇا هٿ آيو هو مون هن کي منهن کي ڀيري ڀيري چتائي پئي ڏٺو جهڙو ٽڙيل گل هجي، عجيب نور هن جي منهن مان پئي بکيو مون هن کي چيو تہ آشا اڄ تنهنجو منهن ڪهڙو نہ چمڪي پيو ؟ چوڻ لڳي تہ منهنجي منهن ۾ اهو ايمان جو نور چمڪي پيو، سڄو ڏينهن ٻلهار هئي، اهڙي خوش هئي جو شايد ڏهن سالن ۾ پهريون ڀيرو گهروارن هن کي ايترو خوش ۽ تندرست ڏٺو هو. ڪيترن سالن کان پوءِ هن پنهنجي هٿن سان سيڪاڻو ( کيرڻي ) ناهي، سيني کي ضد ڪري کارائين. سمهڻ کان اڳ هوءِ وهنتي، ۽ ڪلمو پڙهڻ شروع ڪيائين.

جيڪو هڪڙي پني ٽڪر تي لکيل هو. پهرئين ياد ڪرڻ لڳي پوءِ زور زور سان پڙهڻ لڳي. اوچتو هوءَ وڦلڻ لڳي ۽ پاڻ مرادو ڳالهيون ڪرڻ لڳي ” هي سونو محل آهي، ڪيڏو نہ ڀلو آهي؟ اهو ڪنهن جو آهي؟ ائين پئي لڳو جڻ هو ڪنهن سان ڳالهائي پئي. وري خوشيءَ مان چوڻ لڳي“ اهو منهنجو آهي، اهو منهنجو آهي، هي جنت جو محل آهي. چڱو هاڻي اسين هلون ٿا. “ ٿوري دير کان پوءِ چوڻ لڳي “ هي سهڻن گلن جا ايڏا سارا گلدستا ڇا لاءِ آندا اٿو ؟ ڪيڏانهن نہ سهڻا گل آهن. ڇا توهين اسان کي وٺڻ لاءِ آيا آهيو؟ “ وري ٿوري دير کان پوءِ چوڻ لڳي، چڱو ، اسين پنهنجي جنت ڏانهن وڃون ٿا، توهان جي جيلخاني مان جند ڇڏائي، “ پوءِ زور زور سان ٽي دفعا ڪلمو پڙهيائين ۽ ويني ويني ٻيڊ جي هڪڙي پاسي ڍرڪي پئي. اسين سڀ گهبرائجي وياسون، هن کي سڌو ليٽايو سون ۽ وڏو ڀاءُ ڊوڙي ڊاڪٽر کي وٺي اچڻ لاءِ ٻاهر ويو. ڊاڪٽر صاحب آيو ۽ ٻڌايائين تہ ڇوڪري مري وئي آهي. پر آشا، ائين پئي لڳو جڻ ڪلندي ڪلندي سمهي رهي آهي. گهر ۾ ڪهرام مچي ويو. مشورو ڪيو ويو تہ هيءَ مسلمان ٿي مئي آهي، جيڪڏهن اسان

هن کي پنهنجي ڌرم مطابق ساڙيو ته متان اسان تي ڪا ٻئي بلا نه اچي پوي، صبح جو جيجاءِ ماليرڪوٽلا واري باجي کي فون ڪيو ته آشا جو رات ديهانت ( وفات ) ٿي ويو آهي، اسان وٽ ته ڪو اهڙو مسلمان ڪونهي جيڪو ڪريا ڪرم ڪري، سو ماليرڪوٽلا مان ڪي ماڻهو اچن. ڏهين بجي ماليرڪوٽلا مان مردن عورتن جي گاڏي ڀرجي آئي ۽ هن کي ڪفن ڏياري دفن ڪيو ويو. 1947ع کانپوءِ پهريون ڀيرو هن شهر ۾ ڪنهن ماڻهوءَ کي دفن ڪيو ويو هو. مقام ته اڃا تائين موجود آهي.

سوال : اهو ذڪر ته توهان پنهنجي ڀيڻ جي مسلمان ٿيڻ بابت ڪيو آهي. واقعي اها ڳالهه نهايت عجب جهڙي آهي ته هن جو موت ڪهڙو نه قابل ( شڪ ) ٿيو آهي. نه نماز پڙهيائين، نه روزو رکيائين، ۽ نڪي ڪو اسلامي عمل ڪيائين، ڪيئن نه دنيا مان پاڪ صاف، گناهن کان پاڪ گذري وئي، ڪيڏي نه قابل رشڪ وفات ڪيس نصيب ٿي. هاڻي توهين پنهنجي اسلام قبول ڪرڻ جي بابت ڪجهه ٻڌايو؟

جواب : اصل ۾ منهنجو اسلام عائشه جي اسلام سان ڳنڍيل آهي. مون ۽ عائشه ۾ بيحد محبت هئي. هن جي اوچتي موت مون کي لوڏي ڇڏيو پر هن جي موت ۽ اسلام قبول ڪرڻ کان پوءِ جي هڪ ڏينهن واري حياتي مون اهو سوچڻ تي مجبور ڪري ڇڏيو ته هن دنيا جي جيل خاني مان ڇٽي جنت جي محل ۾ هوءَ فقط هڪڙي ڪلمي جي برڪت سان پهچي وئي ! هوءَ ڪيئن نه کلندي کلندي دنيا مان لاڏاڻو ڪري وئي. مون پنهنجن ماڻتن ۽ ساهورن ۾ ڪيترن ماڻهن کي مرندي ڏٺو آهي ته هو ڪيئن نه تڙڦي تڙڦي ۽ ڏاڍي تڪليف سان ساهه ڏين ٿا. آئون سوچيندي هيس ته آشا کي اها ڪهڙي شيءِ ملي جنهن جي ڪري ايڏو ڏکيو مرحلو هن لاءِ آسان ٿي پيو. هڪڙي رات خواب ۾ ڏٺم ته آشا بيحد سهڻو ويس، جنهن ۾ سهڻا هيرا ۽ موتي ٽانڪيل آهن، پائي تخت تي، خوبصورت وهاڻن تي ٽيڪ ڏيئي ويٺي آهي. سندس مٿي تي تاج رکيل آهي جيئن ڪا راڻي يا شهزادي هجي، مون



هن کان پڇيو ته ” آشا توکي اهڙو سولو موت ڪيئن مليو؟ چوڻ لڳي، ايمان جي محابي، ۽ ديدي توکي سچ ٿي چوان ته، مون کي ايمان جي حالت ۾ رڳو هڪڙوئي ڏينهن ته مليو هو، ايمان سان هڪڙي ڏينهن جي جيئڻ ۾ جيڪو مزو آهي سو سوين سال بنا ايمان جي جيئڻ ۾ ڪونهي. يقين نه اچيو ته ٿورن ڏينهن لاءِ مسلمان ٿي پاڻ ڏسي وٺو“ منهنجي اک کلي پئي. انوقت منهنجي دل ۾ به شوق پيدا ٿيو ته ٿورن ڏينهن لاءِ مسلمان ٿي ڏسڻ گهرجي مون پنهنجي مڙس آڏو ان خواهش جو ذڪر ڪيو ته آئون هفتي ٻن لاءِ مسلمان ٿيڻ چاهيان ٿي ۽ ڏسڻ چاهيان ٿي ته ايمان ڪهڙي شيءِ آهي. جيئن ته آئون به آشا جي موت کان پوءِ هر وقت غمگين رهندي هيس ۽ ماٺ ماٺ ۾ ڪمرو بند ڪري روئندي رهندي هيس، ان ڪري منهنجي مڙس مون کي موڪل ڏني ته ايئن ڪٽي ڪر ته تنهنجي من کي آٿت اچي. ڀلي ڪري ڏس. پر ان جو به خيال رکجائين ته آشا وانگر هڪڙي ڏينهن کان پوءِ تون به مري نه وڃين. مون چيو ته ” جيڪڏهن آئون مري ويس ته شايد جنت ۾ هلي ويندس ۽ توهين ڪا ٻي سٺي زال پرڻجو پر ڏسجو ته هو منهنجي ٻچن کي نه ستائي.

ٻن ڏينهن کان پوءِ مون پنهنجي پيٽوئي کان ماليرڪوٽلا واري باجيءَ جو نمبر ورتو ۽ ان کان حضرت صاحب ( مولانا محمد ڪليم صاحب ) جو نمبر ورتم ۽ مون باجيءَ کي فون تي چيو ته آئون توهان وٽ اچڻ چاهيان ٿي ۽ مقصد اهو آهي ته آئون هفتي ڪن لاءِ مسلمان ٿيڻ چاهيان ٿي. هوءَ ڏاڍي کلي ۽ چوڻ لڳي ته مسلمان ٿيڻ ڪو ناٽڪ يا ڊرامو ته ڪونهي جو ٿوري دير لاءِ پنهنجو روپ مٽائي ڇڏجي. تنهن هوندي به هن خوشي جو اظهار ڪيو ۽ چيائين ته توهين اسان جي حضرت صاحب وٽ وڃو هو توهان کي چڱي طرح سمجهائي ڇڏيندو. ان کانپوءِ مون فون حضرت صاحب سان ملايو پر لڳو ڪونه. ڪيترن ڏينهن جي ڪوشش کان پوءِ هن سان ڳالهه ٿي سگهي. مون ساڻس ملڻ جي خواهش جو ذڪر ڪيو هو مون کان ملڻ لاءِ اچڻ جو

سبب پڇندو رهيو ۽ چوڻ لڳو تہ توهين مون کي خدمت بابت ٻڌايو. ٿي سگهي ٿو تہ فون تي ئي توهان جو مسئلو حل ٿي وڃي. مون کي خيال ٿيو تہ متان هو فون تي ئي ڪلمو پڙهائينہ ڇڏي. تنهنڪري مون ڪيس ٻڌائڻ مناسب ڪونہ ڄاتو.

مولانا صاحب مون کي ٻڌايو تہ " ادي ، آئون بلڪل بيڪار ماڻهو آهيان. جيڪڏهن هٿ ڏيکارڻ چاهيو ٿا يا جادو وغيره جو علاج ڪرائڻ چاهيو ٿا يا ڪو تعويذ ۽ ٽوٽڪو ڦيٽو وغيره ڪرائڻ چاهيو ٿا تہ اهو ڪم منهنجي ابن ڏاڏن کي بہ ڪو نہ ايندو هو. توهين مون کي پنهنجي ملڻ جو مقصد ٻڌايو. جيڪڏهن اهو مقصد مون وٽ اچي حل ٿي سگهي ٿو تہ پوءِ بيشڪ سفر ڪري اچو نہ تہ ايڏو ڏگهو سفر ڪري پريشان ٿيڻ مان ڪو فائدو ڪونهي. مولانا جڏهن گهڻو زور پريو تہ مون کي ٻڌائڻو پئجي ويو تہ آئون هڪڙي هفتي لاءِ مسلمان ٿيڻ چاهيان ٿي ۽ آئون آشا جي وڏي ڀيڻ آهيان. جنهن کي توهان فون تي ڪلمو پڙهايو هو ۽ جيڪا انهيءَ رات ئي گذاري وئي هئي. آشا جو نالو ٻڌي مولانا صاحب وڏي محبت سان چيو " ها. ها. توهين ضرور اچو ۽ جڏهن بہ سهولت ٿئي توهين ڀلي اچو. اچڻ وقت مون ٻڌائجو تہ آئون پنهنجو سفر ملتوي ڪري ڇڏيان. مولانا صاحب مون کي جالنڌر کان اچڻ جو رستو بہ ٻڌايو تہ شاليمار ايڪسپريس ذريعي سڌو ڪتولي لهجو ۽ اتي اسٽيشن تي توهان کي وٺڻ لاءِ اسان جو ماڻهو ايندو سفر جي تاريخ طئي ڪري مون مولانا کي ٻڌايو. مون سان گڏ هلڻ وارو ڀيو ڪو مناسب ماڻهو ڪونہ هو سو مون پنهنجي هڪڙي ناني سس ( مڙس جي مائيتياڻي ) کي تيار ڪيو ۽ گهر ۾ ڪم ڪندڙ ماسيءَ کي ساڻ ڪنيم . اسين ٽيئي ڄڻيون 14 نومبر جي صبح جو نوين بجي ڪتولي پهتاسين. حضرت صاحب طرفان جي گاڏي اسان کي وٺڻ لاءِ آئي هئي. ڦلت سولائي سان پهچي وياسين_ مولانا صاحب ڦلت ۾ ڪو نہ هو پر سندن امي مون کي ٻڌايو تہ حضرت صاحب ٻنپهرن تائين ڦلت پهچي ويندو انشاء الله. اسان سيني اتي



نيرن ڪئي ۽ ٿورو آرام ڪيوسين. ان کان پوءِ گهر جي عورتن سان ملاقات ٿي ۽ مون پنهنجي اچڻ جو مقصد ٻڌايو. منيره ديدي ۽ امي جان مون کي سمجهايو تہ هڪڙي هفتي لاءِ ڪو بہ مسلمان ٿي نٿو سگهي. اهو تہ موت تائين جو فيصلو هوندو آهي. آئون پريشان ٿي ويس تہ مون کي پنهنجو مذهب ۽ سڀ ڪجهہ بلڪل ڇڏڻو پوندو. اهو ڪيئن ٿو ٿي سگهي؟ ٻنپهرنجو ٻي بجي مولانا صاحب بہ اچي ويو. ٻاهر تمام گهڻا مهمان آيل هئا. مولانا صاحب ٻن منٽن لاءِ اسان وٽ آيو ۽ اسان کي آٿت ڏنائين تہ اسين سڀ توهان کي ڏسي ڏاڍا خوش ٿيا آهيون. توهين عائشہ مرحومہ جي ڪري آيا آهيو. مون کي ان ڪري توهان جي خاندان سان خاص تعلق ٿي پيو آهي. " اسان کان واپسي جو پروگرام پڇيائين. جڏهن اسان ٻڌايو تہ اسين ٽن ڏينهن لاءِ آيا آهيون تہ چيائين تہ ٻاهر تمام گهڻا مهمان آيل آهن ۽ ڪي ڪي تہ ٻن ٽن ڪان مون لاءِ ترسيل آهن. رات جو انشاء الله توهان سان اطمينان سان ڳالهيون ڪنداسين ادي اسماء. توهان کي ياد هوندو تہ توهان مون کي حضرت صاحب جو لکيل ڪتاب " توهان جي امانت توهان جي خدمت ۾ " آڻي ڏنو هو مون شام تائين ان کي ٽي دفعا پڙهي ڇڏيو هو. منهنجي دل، ايمان کي هميشہ لاءِ قبول ڪرڻ جي سلسلي ۾ صاف ٿي وئي. مغرب جي نماز پڙهي مولانا صاحب اسان وٽ آيو. مون کي ايمان جي ضرورت بابت ڳالهيون ٻڌايائين. مرڻ کان پوءِ جي زندگيءَ ۾ جنت دوزخ ۽ پنهنجي پيدا ڪندڙ کي راضي ڪرڻ بابت بيان فرمايائين. " توهان جي امانت ڪتاب پڙهي، منهنجي ذهن مان هفتي لاءِ اسلام قبول ڪرڻ وارو خيال ختم ٿي ويو هو. مون اسلام قبول ڪرڻ جي سلسلي ۾ آمادگي ظاهر ڪئي. اتي مون کي اسلام جو ڪلمو پڙهايائين. گهر جون سڀ عورتون وينل هيون. مون چيو تہ ڇا توهين منهنجو اهوئي نالو رکي سگهو ٿا جيڪو آشا جو هو؟ هن چيو تہ ڇو نہ !. توهان جو نالو بہ عائشہ رکون ٿا. عائشہ اسان جي نبي صلي الله عليہ وسلم جي پياري گهرواري محترمہ هئي.

اسماء توهان کي ياد هوندو تہ مون مولانا صاحب کان ٻہ سوال پڇيا هئا، ان وقت مون ڏنو تہ مولانا صاحب ڳالهيون تہ اسان سان پئي ڪيون، پر سندس رخ سندس گهر وارن ڏانهن هو. مون سوال ڪيو هو تہ توهين اسان کان منهن ڦيرائي ڇو ٿا ڳالهايو. ان تي مولانا صاحب چيو تہ اسلام عورتن ۽ مردن جي وچ ۾ پردي جو حڪم ڏنو آهي. اهي سيئي عورتون جن سان اسلام جي قانن مطابق ڪنهن مسلمان جي شادي ٿي سگهي ٿي، سي سڀ عورتون ان مرد لاءِ نامحرم آهن. انهن کان پردي جو اسلام حڪم ڏئي ٿو. سچ تہ اهو آهي جو مون کي پردي جي پويان توهان سان ڳالهائڻ گهرجي ها. ( مون کي خيال ٿيو تہ ائين ڪرڻ سان توهان وڏي اجنبيت محسوس ڪندا انهيءَ ڪري توهان جي آڏو اچي پنهنجو رخ ٻئي پاسي ڪري تہ جيئن نامحرم تي نظر نہ پوي، مون اسلام جي حڪم تي عمل ڪيو. ايمان جي دعوت جهڙي سڀ کان محبوب عبادت ۾ ٻہ، ڪنهن نامحرم تي نظر پوڻ جي گناهہ جي ڪري تبليغ جو اثر ختم ٿي وڃي ٿو. مون چيو تہ " منهنجي پيڻ آشا جڏهن توهان کان اسلام وٺڻ جي ڳالهہ ڪئي، تہ توهان ايڏو انڪار ڪرڻ تي ٻہ توهان ڪيس فون تي ئي ڪلمو پڙهايو هو سو مون ٻہ انهيءَ ڪري توهان وٽ اچڻ جو مقصد نہ پئي ٻڌايو تہ متان توهين مون کي ٻہ فون تي ئي ڪلمو پڙهائي ڳالهہ تاري نہ ڇڏيو. پر توهان مون کي فون تي ڪلمو پڙهڻ لاءِ ڪونہ چيو هو. تنهن جو ڪهڙو سبب هو؟ حضرت صاحب جواب ڏنو تہ فون تي ڪلمو پڙهائڻ، ڳالهہ تارڻ ڪنهي، پر انسان جي ناپائيدار زندگي ۽ پاڻيءَ تي ڦوٽي وانگر فاني حياتيءَ جو خيال آهي اها سچي همدردي آهي، خبر ناهي تہ ڇو توهان جي پيري مون کي اهو خيال ئي ڪونہ آيو؟ مون کان اها خطا ٿي وئي، خدا نہ ڪري جيڪڏهن رستي ۾ توهان وفات ڪري وڃو ها تہ ڇا ٿئي ها، يا آئون وفات ڪري وڃان ها تہ ڇا ٿئي ها، يا آئون مري وڃان ها تہ اها خود منهنجي لاءِ ٻہ وڏي محرومي ٿئي ها، خبر ناهي تہ مون کان اها پلپ ڇا جي ڪري ٿي وئي، وري اهو ٻہ تہ توهين چار پنج ڏينهن اسلام کان محروم



رهيا، ايڏي وڏي ضرورت ۾ خير جي ڪم ۾ دير ٿي وئي، الله سائين مون کي معاف فرمائي، واقعي مون کان اها وڏي غلطي ٿي، اصل ۾ الله تعاليٰ ڪم ڪندڙن جي دلين ۾ پاڻمرادو تقاضائون وجهي ٿو. توهان هڪڙي هفتي لاءِ اسلام قبول ڪرڻ چاهيو ٿي، ظاهر آهي تہ اها ڪا راند تہ ڪانهي، علامہ اقبال شاعر چوي ٿو.

يہ شہادت گہ الفت ہی قدم رکھنا ہے
لوگ آسان سمجھتے ہیں مسلمان ہونا

اسلام قبول ڪرڻ، پنهنجي خواهش ۽ پنهنجي انا ( خوديءَ ) کي قربان ڪرڻ آهي، ان لاءِ توهان سان فون تي ڳالهائڻ ڪافي نہ هو. تنهن ڪري الله تعاليٰ منهنجي دل ۾ فون تي ڪلمو پڙهائڻ جي ڳالهہ ڪانہ وڌي. آشا سان ڳالهائيندي مون کي اندر ۾ ائين پئي لڳو تہ جيڪڏهن هن ان وقت ئي ڪلمو نہ پرهيو تہ شايد هڪ ٻن ڏينهن ۾ هو وفات نہ ڪري وڃي. حضرت صاحب سمجهايو تہ هاڻي هر قرباني ڏيئي ايمان کي قبر تائين کڻي وڃڻو آهي، ان ۾ توهان ت تڪليفون ٻہ اچي سگهن ٿيون، قربانيون ٻہ ڏيڻيون پئجي سگهن ٿيون ڪنپار کان نڪر جو ٿانو ٻہ ڪو وٺندو آهي تہ ٺوڪي وڄائي ڏسندو آهي، ايڏي قيمتي ايمان واري کي ٻہ آمائي سگهجي ٿو. جيڪڏهن توهين ايمان تي ڄمي بيٺا رهيا تہ موت کان پوءِ جي زندگيءَ ۾ محسوس ٿيندو تہ ڪيڏي نہ سستي قيمت تي اها نعمت ملي آهي، حضرت صاحب، گهرجي ٻاتين کي مون کان نماز ۽ ڪاڏي ڪائڻ جا طريقا سيکارڻ لاءِ چيو. منهنجي ناني سس ۾ ڪم واري ماسي بابت ٻہ پڇيائين. امي جان ۽ منيره ديدي انهن کي سمجهائيندبون رهيون .ٻئي ڏينهن حضرت صاحب سفر تي هليو ويو. پوءِ اسان جي واپس ٿيڻ کان ٻہ ڪلاڪ اڳ آيو. اسان جي بوا ۽ ناني کي سمجهيائين تہ توهين هن نعمت کان ڇو محروم پيون وڃو. ڪافي حد تائين تہ هو اڳ ۾ئي تيار ٿي ويون هيون، حضرت صاحب جي چوڻ تي هو ڪلمو پڙهڻ لاءِ تيار ٿي ويون، ڪين ڪلمو پڙهايو ويو ۽ بوا جو

نالو حضرت صاحب، ماريہ ۽ نانيءَ جو نالو آمنہ رکيو. خوش ۽ بامراد ٿي اسين رخصت ٿيون سين. گهرجي سڀني ماڻهن اسان کي اهڙي محبت سان رخصت ڪيو ڄڻ اسين هن گهر ۾ ئي ڄايون هجون ۽ هن گهر جون ئي فرد هجون. خبر ناهي تہ ڇو آئون اڄ تائين جڏهن بہ قلت يا دهلي ايندي آهيان تہ مون کي ايئن لڳندو آهي ڄڻ آئون پنهنجن پيڪن آئي آهيان.

سوال : گهر وڃڻ کان پوءِ توهان جو گهر وارو وفات ڪري ويو هو. ان وقت توهان ڪيئن محسوس ڪيو؟ وفات ڪهڙي طرح ٿي ٿورو ٻڌايو؟

جواب : حضرت صاحب مون کي چيو تہ هاڻي پنهنجن رشيدارن سان محبت جو حق اهو آهي تہ توهين سڀني کي دوزخ جي باهہ کان بچائڻ جو اونو ڪريو ۽ پنهنجي گهر واري کي بہ اسلام ڏانهن آڻيو. ٻارن کي بہ مسلمان ڪريو. مون کي اهو بہ ٻڌايو ويو هو تہ اسلام خاطر توهان کي ڪي آزمائشون بہ سهڻيون پونديون، مون کي ايئن محسوس ٿيو ڄڻ حضرت صاحب اهي سڀ شيون ڏٺيون پئي. اڳي هلي مون کي ڪن سخت امتحانن مان گذرڻو پيو. مون موٽي وڃڻ کانپوءِ پنهنجي مڙس کي سمورو احوال ٻڌايو. تہ هاڻي آئون هميشہ لاءِ مسلمان ٿي وئي آهيان ۽ هن تي بہ زور پريم تہ توهين بہ مسلمان ٿي وڃو. مون کي بيحد پيائيندو هو. پهرئين تہ هو ائين ئي سمجهندو رهيو. پر جڏهن مون وڌيڪ زور پرڻ شروع ڪيو تہ هن مخالفت ڪرڻ شروع ڪئي ۽ مون کي بہ اسلام کان روڪڻ لڳو. آئون الله کان دعائون ڪندي هيس، مون حضرت صاحب سان بہ فون تي ڳالهايو تہ هڪڙي مسلمان زال ۽ هڪڙي سک مڙس سان گڏ ڪيئن رهي سگهي ٿي؟ حضرت ٻڌايو تہ سچي ڳالهہ تہ اها ئي آهي تہ مسلمان ٿيڻ کان پوءِ توهان سان هن جو زال مڙس وارو رستو ختم ٿي ويو آهي ۽ شادي يعني نڪاح ٽٽي ويو آهي، پر ان اميد تي توهين اهڙي احتياط سان هن سان رهو. تہ من هن کي ايمان نصيب ٿئي ۽ ٻارن جي زندگي، ايمان ۽ مستقبل جو مسئلو بہ حل ٿي وڃي، اهي ڳالهيون سمجهڻ کان پوءِ مون کي مڙس سان رهندي ٻوسٽ محسوس ٿيندي هئي، روز رات جو



اسان جو جهيڙو ٿيندو هو اڌ اڌ رات لنگهي ويندي هئي، مون کي حضرت صاحب الله کان دعا گهرڻ لاءِ چيو ٻڌايائين تہ تهجد جي نماز ۾ بہ دعا گهران، هڪڙي رات ساري رات نماز پڙهندي رهيس ۽ روئيندي بہ رهيس، منهنجا الله، تنهنجي خزاني ۾ڪهڙي شيءِ جي ڪمي آهي، تون منهنجي مڙس کي هدايت ڇو نٿو ڏيئي سگهين، منهنجي الله منهنجي دعا ٻڌي ورتي، ٻي رات جڏهن مون هن کي مسلمان ٿيڻ لاءِ چيو تہ هن مخالفت ڪانہ ڪئي ۽ چوڻ لڳو تہ روز روز جي جهيڙي کان آئون بہ تنگ ٿي پيو آهيان، جيڪڏهن تون ان ۾ خوش آهين تہ هلو آئون بہ مسلمان ٿي وڃان ٿو. هاڻي ڪر مون کي مسلمان! مون چيو تہ منهنجي خوشيءَ لاءِ مسلمان ٿيڻ تہ ڪو مسلمان ٿيڻ ناهي، پر پنهنجي پيدا ڪرڻ، دلين جا ڀيد ڄاڻڻ واري مالڪ جي راضپي لاءِ مسلمان ٿيڻ گهرجي، مون هن کي حضرت صاحب وارو ڪتاب " توهان جي امانت توهان جي خدمت ۾ " ڏنو. اڳي بہ مون اهو ڪتاب کيس پڙهڻ لاءِ ڏنو هو تہ هن اڇلائي ڇڏيو هو. پر ان ڏينهن هن اهو ڪتاب ورتو ۽ پڙهڻ شروع ڪيائين، سڄو ڪتاب وڏي غور سان پڙهيائين. جيئن جيئن ڪتاب پڙهندو ويو. مون محسوس ڪيو تہ سندس منهن بدلجڻ لڳو. پوءِ هن ان ڪتاب مان وڏي سڏ تي دفعا ڪلمو شهادت پڙهيو ۽ چوڻ لڳو تہ هي ڪلمو مون تنهنجي خوشي لاءِ نہ پر پنهنجي خوشي ۽ پنهنجي رب جي خوشي لاءِ پڙهيو آهي، اهي لفظ ٻڌي آئون بي اختيار هن سان چنبڙي پيس، آئون بيان نٿي ڪري سگهان تہ ٻن مهينن جي لڳاتار ڪهرام کان پوءِ منهنجي گهر ۾ خوشي آئي هئي، ٻئي ڏينهن معلوم ٿيو تہ هن جي رويڙ ٽرانسفر ٿي آهي، هو اوڏانهن ويو. هفتي کان پوءِ اتي چيف منسٽر جو دورو هو. هو ان جي پروگرام جي بندوبست ۾ مشغول رهيو. هڪڙي هنڌ جي سيڪيورٽي جو معائنو ڪرڻ لاءِ ويو. ڪاليج جي بائونڊري وال وٽ هيٺ بيٺل هو. ان وقت تمام تيز هوا جو هڪڙو اهڙو سخت جهوٽو آيو جو بائونڊريءَ جو اهو حصو جنهن جي

هيئان هو بيئل، هن جي مٿان اچي ڪريو ۽ هو پٽ هيئان دٻجي ان وقت ئي وفات ڪري ويو.

اسماء پيڻ، آئون ٻڌائي نٿي سگهان ته اهو حادثو مون لاءِ ڪيڏو نه سخت ڏکوئيندڙ هو پر الله سائين ڪرم فرمايو مون کي همت ڏنائين. جو ايمان تي ان جو اثر ڪونه پيو اندر ۾ اهو احساس منهنجي دل کي مضبوط ڪري رهيو هو ته هن اسلام قبول ڪيو هو ۽ هو جنت ۾ هليو ويو آهي، جتي ڪجهه وقت کان پوءِ مون کي به انشاء الله وڃڻو آهي. سندس گهر وارن هن جي ڪريا ڪرم (ڪفن دفن تي وڏو گوڙ ڪيو مون چيو آئون هن جي مڙهه کي هرگز ساڙڻ ڪونه ڏينديس. آئون هن جي لاش جو وارث آهيان، مون کي اهو قانوني حق حاصل آهي، پر گهر جا سيئي پاتي ضد ڪري بيهي رهيا ته هي اسان جي خاندان جو فرد آهي، ڊي جي پي، اي ڊي جي پي، آءِ جي، ڊي آءِ جي، سڀ موجود هئا، ڪافي ڇڪتاڻ کان پوءِ طئي ٿيو ته هن جي شماڌي ٺاهي وڃي. ان کان پوءِ هن جي سماڌي ٺاهي وئي. مون هڪڙي مولانا کي سڏي هن جي جنازي نماز سماڌي ٺاهڻ کان پوءِ پڙهارائي.

سوال : ان کان پوءِ توهين جالنڌر اچي ويا؟

جواب : روپڙ ڇڏي آئون جالنڌر هلي آيس، حضرت صاحب کي سارو احوال ٻڌائي مون پنهنجي عدت پوري ڪئي. منهنجي حضرت ياءَ لنڊن ۾ رهي ٿو تنهن مون کي چيو ته توهين انگليند اچو مون پاسپورٽ ٺهرايو. هڪڙي ڏينهن مون خواب ۾ ڪعبو شريف ڏٺو. فون تي مون اهو خواب حضرت صاحب کي ٻڌايو حضرت صاحب چيو ته توهان تي حج فرض آهي، پر ڪو محرم گڏ هئڻ ضروري آهي ۽ توهان جو ڪو محرم ڪونهي، تنهنڪري توهين ڪنهن ماڻهوءَ سان شادي ڪريو مون لک ڪوششون ته ان ڳالهه تي پاڻ کي راضي ڪريان پر ڪونه ڪري سگهيس. پوءِ به خبر ناهي ته ڇو مون کي حج تي وڃڻ جو جنون جي حد تائين خيال پيدا ٿي پيو. ان لاءِ مون قلت ۽ دهليءَ ڪيئي چڪر لڳايا پر ايجنٽن وٽان ڪا صورت



نهي ڪانه سگهي، حضرت صاحب ۽ سندس گهر وارا حج تي هليا ويا ۽ آئون پويان ڦٿڪندي رهجي ويس. حج کان اها محرومي مون لاءِ امتحان بنجي پيو آئون ڏاڍو روئندي رهيس ۽ پنهنجي الله آڏو فرياد ڪندي رهيس، ائين لڳندو هو ڄڻ اجهو ڪو موقعو ملي ٿو ۽ آئون حج تي ٿي وڃان، عبدالاضحيٰ کان ٽي ڏينهن اڳ جڏهن مون کي خيال ٿيو ته هاڻي حج ۾ ٽي ڏينهن باقي آهن ته تهجد جي وقت آئون روئندي روئندي بيهوش ٿي ويس. مون اڌو گابري ننڊ ۾ ڏٺو ته منهن ڪٽي تي احرام جو اسڪارف ٻڌل آهي ۽ آئون منيٰ ڏانهن پئي وڃان. مطلب ته حج جون سڀ ئي رسمون پوريون ڪيم. اک کلي پئي هوش ۾ آيس ته آئون بيان نٿي ڪري سگهان ته آئون ڪيڏي نه خوش هيس، مون ڪنهن نه ڪنهن طرح حضرت صاحب جو مڪي شريف وارو فون نمبر ورتي، ڪيس فون ڪيو ۽ وڏي خوشيءَ سان اٽڪل پنجويهه منٽن تائين ڪيس فون تي خواب واري حج جي تفصيل ٻڌائيندي رهيس حضرت صاحب پاڻ به حيران ٿي ويو.

سوال : بابا سائين ٻڌايو پئي ته توهين گذريل سال حج تي ويا هئا؟ حج تي اسين توهان جو ڳالهايون ڪندا هئاسين ۽ افسوس به ڪندا هئاسين، جو توهين ڪونه آهيو؟

جواب : آئون الله سائين تي قربان وڃان، هن منهنجي دعا قبول ڪئي. اڳئين دفعي ته اوڏانهن وڃڻ کان سواءِ ئي الله پاڪ حج ڪرائي ڇڏيو هو. گذريل سال مون پنهنجي هڪڙي ياءَ کي ٻاهر جو سفر ڪرائڻ يعني حج جي لالچ ڏيئي مسلمان ٿيڻ لاءِ چيو هو. مون کيس ٻڌايو هو ته گرونانڪ جي به ته حج تي ويو هو. بهرحال ٿورين گهڻين ڪوشش سان هو مسلمان ٿيو. ۽ اسان ٻنهي کي گذريل سان حج نصيب ٿيو الحمدلله .

سوال : ارمغان رسالي جي حوالي سان توهين عام مسلمانن لاءِ ڪو پيغام ڏيندا ؟

جواب : آئون فقط پنهن پيڻ عائشہ جي ڳالھہ ورجايان ٿي تہ ايمان جو قدر ڪريو ۽ ايمان جي حالت ۾ هڪڙو ڏينهن، سوين سالن بنا ايمان زندگيءَ کان افضل آهي. ۽ سڀني جهانن لاءِ رحمت واري نبي صلي الله عليہ وسلم جي امتي هئڻ جي حيثيت ۾ سمورن انسان کي جنت ۾ وٺي وڃڻ جو فڪر ڪريو. اسان لاءِ بہ دعاڪريو تہ سڀني جو لاڏاڻو ايمان تي ٿي - (ماهوار رسالي ارمغان سيپٽمبر 2006ع تان ورتل)